
شاعري
جدائي جي جزيري تي
On The Island of Separation
(Poetry)
شهمير سومرو
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

# جدائي جي جزيري تي

ٻيو ڪتاب

(شاعري)

## شهمير سومرو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن

2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: جدائي جي جزيري تي
موضوع: شاعري
ليکڪ: شهمير سومرو
ڇاپو پهريون: 2020ع
ٽائيٽل: مهراڻ سهتو
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
دوابا پوليس لائين سامهون عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966
مُلهه: =/250
ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

اسٽاڪسٽ:

* سمبارا ڪنول بڪ هائوس حيدرآباد، * ڪنگ پن بڪ ڪلب حيدرآباد، * ڀٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد *مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو * رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو * انتيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد * سنڌ بڪ ڪلب، نواب شاهه * پيڪاڪ ڪتاب گهر حيدرآباد/لاڙڪاڻو * ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو.

## ON THE ISLAND OF SEPARATION

**Book Name:** On the island of separation **(Poetry)**
**Written by:** Shahmir Soomro
**1st Edition: 2020**
**Published by: Sambara Publication Hyderabad**
**Email: sambara.publication@gmail.com**

# ارپنا

ارپيم هنن پيارن کي
جن لاءِ جيترا به ڪتاب لکان گهٽ لڳندا
منهنجي مٺڙي امڙ ممتاز گل
بابا سائين علي گل سومرو
ڏک سک جي ساٿياڻي رخسانا شهمير
ٻچڙي لکمير حسين کي ۽ هران من کي
جنهن ۾ سچ ۽ پيار جو گل ٽڙيل هجي.

—— شهمير سومرو

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران خوبصورت شاعر شھمير سومري جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو ”**جدائيءَ جي جزيري تي**“ اوھان اڳيان پيش آھي، جنھن ۾ غزل، نظم ۽ وايون شامل آھن. جواد جعفري لکي ٿو:

”شھمير سومرو سنڌ جو اھو سھڻو ۽ سيبتو ڪوتاڪار آھي، جنھن پنھنجي منفرد لب و لھجي ۽ انوکي اسلوب سان سنڌ جي ادبي آڪيري ۾ پنھنجي جاءِ ناھي ورتي آھي. نئين ٿھيءَ ۾ غزل جھڙي حسناڪين سان ڀرپور صنف کي پنھنجي محبوبا ٺاھيندڙ ھن قلمڪار پڙھندڙن جو ڌيان پاڻ ڏانھن ڇڪائي ورتو آھي. پنھنجي غزلن ۾ منفرد رديفن جي چونڊ ۽ انھن سان بھترين نڀاءُ ھن شاعر کي ھمعصرن ۾ ھڪ الڳ سڃاڻپ ڏني آھي. شھمير جي شاعريءَ ۾ سرتيءَ جي سونھن جا عڪس بہ آھن، عاشق جي دل جا رقص بہ آھن، مٽيءَ جي مھڪ بہ آھي تہ ڌرتيءَ جا ڏک بہ آھن. ھن ڪويءَ وٽ خيالن جي ڪاڻ ۽ لفظن جو اڻ کٽ خزانو آھي.“

ھي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آھي. ٿورائتا آھيون شھمير سومري ۽ سمبارا پبليڪيشن جا جن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ستاءُ


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | محمد علي پٺاڻ | 7 |
| شهمير هڪ صوفي منش شاعر | منتظر سومرو | 13 |
| اندر جو آواز | زيب ڪنگو | 15 |
| پنهنجي پاران | شهمير سومرو | 17 |


## شاعري


غزل .............................................................. 23

نظم .............................................................. 139

وائي .............................................................. 150

# مهاڳ

# خيالن جون جهوپڙيون

شاعري جي دنيا جو خاص محور ڏک آهي ۽ جڏهن ڏک شاعر جي اندر جي ڪائنات کي ڏانءُ ڏيندا آهن تہ هن جي خيالن جا جهانَ ڏونگرن ۾ پيپڙ تي پڙڪندا آهن. جنهن ڪان پوءِ لفظ پکن گهڙن جيان راس تي پنن تي بيڙين جو روپ وٺي سانوڻ جي سنڌوءَ ۾ جهومندا ۽ ترندا پنهنجي منزلن جو پنڌ ڪندا آهن. ان لاءِ نہ ڪنهن سونهين جي ضرورت هوندي آهي، نہ ناڪئي جي، سڀ ڪجهہ پاڻ مرادو ٿي وڃي دنگ تي رسندو آهي. شاعري پنهنجي ڪاڪ محل کي شاعر جي ٻُڇيءَ ۾ راڻي جي ڪاميابيءَ جي مالها پهرائي گڏ گڏ ٿيندي آهي.

شاعر شهمير سومري جي شاعريءَ جو منظر نامو بہ هوبهو ائين ئي آهي. هن جا لفظ خيالن جون جهوپڙيون ناهي پاڻ ئي انهن جا ڏيئا ٻڻجي پون ٿا. جنهن جي سوجهري ۾ پڙهندڙ جو مَنُ مست ٿي رقص ڪرڻ لڳي ٿو ۽ آس پاس جي دنيا کي ترڪ ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿو. هو جڏهن چوي ٿو تہ:

گهاوَ منهنجا گلابن جيان ٿا ٽڙن،
سور رابيل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

تہ سچ پچ پڙهندڙ تي اهي غير معمولي صورت ۾ اثر انداز ٿين ٿا. هو شهمير کي قافين رديفن جون لسٽون اڳيان رکي شاعري ڪندڙ شاعرن کان بلڪل ڌار ڪري، من ئي من ۾ داد ڏيڻ جي اهڙي تعظيم وارو دڳ ٿو وٺي، جنهن جي حد نگاهہ تائين مصنوعيت ۽ جُڙتو "واهہ واهہ" جو ترَ جيترو بہ عمل دخل ڪو نہ ٿو لڳي.

تلخ ماضيءَ جي تصوير مان پئُ تو ٿئي.
ياد جي هن وڏي وير مان پئُ تو ٿئي.
مون کي توسان ملڻ کو نہ ڏيندي مني،
مون کي پنهنجي ئي تقدير مان پئُ تو ٿئي.
مان محبت جون ڳالهيون ڪندو تو وتان،
هو چوي ٿي تہ شهمير مان پئُ تو ٿئي.

صدمن ۽ لڙڪن کي دل ۾ ۽ پاڻ وٽ عيد ڪرائڻ وارو هي شاعر يگانگيءَ جي عالم ۾ جنهن وقت محبوب کي ڏوراپي جي نموني ۾ خوشيءَ کي ياڪر پائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، ۽ دردن کي پاڻ وٽ عيد ڪرائڻ جو انوکو فکر پيش ڪري ٿو، تہ مينهوڳيءَ ۾ مور جا ٺوڪا اڳيان ٽا اچن. ۽ جڏهن اجا بہ اڳتي وڌي چوي ٿو تہ:

قٿ سمورا روئي پيا هن،
زخمن مون وٽ عيد ڪئي آ.

تہ نہ رڳو هن جي شاعريءَ تي رشڪ اچي ٿو، پر ٽپو ڏئي ازخود هن کي پنهنجي ڳچيءَ جو سونو هار بڻائڻ تي بہ دل اچلون ٿي ڏئي. چو تہ هو، هي پير مَنَ کي جهير ڏئي پوءِ تو ڪٽي ۽ بي ترتيب لفظن کي سمنڊ جي ڇولين جهڙي ياڪر ۾ پري پوءِ ئي اهڙي رواني تو ڏئي، جنهن سان نہ صرف منظر خوبصورت تو ٿئي، پر ان جو پس منظر اجان بہ گهڻو خوبصورت ٿي اڳيان تو اچي.

ڏينهن آتو مليو رات آتي ملي.
منهنجي جوڀن کي ڪنهن جي نہ چاتي ملي.

زندگي آنءُ جنهن سان گذارڻ گهريم،
سا جڏهن پيي ملي حادثاتي ملي.

تلخ لهجو اندر کي ڪپيندو ويو،
جيءَ هن کي نہ جڻ تيز ڪاتي ملي.

تڪ جي رلهيءَ وارن رنگن سان سجايل هن جي شاعريءَ جي هنن سِٽن تان جڏهن ديد جي سفر جو گذر ٿئي ٿو تہ:

محبوب سان پيار جي مون حد ڪري ڇڏي.
آزار سان قرار جي مون حد ڪري ڇڏي.
آيون ضرور وقت جي ڏندن ۾ آڱريون،
اهڙي تہ انتظار جي مون حد ڪري ڇڏي.

۽ ان ئي غزل جو هي بند تہ:

حاوي نہ ٿي وجي صفا هي درد مون مٿان،
مرڪي تڏهن بهار جي مون حد ڪري ڇڏي.

پڙهي، ہہ منٽ سندس سموري بياض کي پري رکي، انهن جي گهرائي ۾ وڃجي ٿو تہ، ان راءِ کي منديءَ تي ٽِڪَ ڪري ٿو ونجي، تہ هي غزل نئين سنڌي غزل جي تاريخ جو بنا ڪنهن وڏاءَ جي سر موڙ غزل ٿو محسوس ٿئي. جنهن جي سونهن جون تجليون وقت جون اکيون ڪيريون ڪري ٿيون ڇڏين.

توتي جيئڻ ئي مرڻ لڳو آهيان.
سچ پڇين مان جيئڻ لڳو آهيان.
حال مون کان پڇڻ تون آئين آن،
آنءُ ڏس خوش ٿيڻ لڳو آهيان.

شاعري زندگيءَ جي محبوباڻين ادائن، ناز نخرن، نفيس رسامن پرچائن ۽ مينديءَ رتل بن هٿن جي تاڙيءَ جي نرالن آوازن ۾ ساهُ کڻندي آهي ۽ مستيون ۽ موجون ان جي لازواليءَ کي يقيني بڻائينديون آهن.

شهمير سومري جون ڪيتريون ئي سٽون ان ڪسوٽيءَ تي لهندي پڙهندڙن جي اجارن ذهنن ڪي آب حيات جا چشما فراهم ڪن ٿيون.

زندگيءَ ڪي وقت چاٽيءَ ۾ چڙي.
وچ نه منڙي اڌ ڪهاٽيءَ ۾ چڙي.
تون ته ٻيڙيءَ ۾ چڙهي مرڪي پئي،
پر وڃي ٿي ٻاهه پاٽيءَ ۾ چڙي.
تنهنجي پيرن جي مٽي مان خاڪ ڪي،
خوش ٿيان ٿو، سرمي داٽيءَ ۾ چڙي.

ڦوهه جوانيءَ کان ٿورو اڳتي وڌندڙ شهمير سومري جي شاعريءَ سان عشق جو ڪو نئون پيچ ناهي پاتو، پر هن ان جي نينهن جي ابتدا نندپڻ جي سانيڀر پرائڻ سان ئي ٿي هئي ۽ تڏهن کان ئي هن تي اکرن جا گل ٽڙائڻ ۽ لفظن جا پوپٽ اڏائڻ جو جنون طاري ٿيو هو. جيڪو جوانيءَ جي پهرين ڏاڪن سان سنڌي ادبي سنگت، ڏوڪريءَ جي ادبي ڪلاسن ۾ نشانبر ٿيو هو ۽ اتان اتساهُ وٺي پاڻ تي تمام گهڻي ذميداريءَ جو بارُ ڪڻي اڳتي وڌيو هو ۽ تڏهن ئي هن هڙي سوچ وارو انوکو غزل لکيو هو ته:

سانوري آرس پڄي مرڪي پئي.
شاعري آرس پڄي مرڪي پئي.
دل جي صحرا تي وٺو اڄ پيار آ،
زندگي آرس پڄي مرڪي پئي.

رچنا جي پنهنجي ۽ بنهين مختلف رڻ ۾ ٽاڪ منجهند به هو پنهنجي ٿو تخليق ڪري، ته ڇانوَ وارا وڻ به پنهنجي ئي اکرن مان ٿو پيدا ڪري. ڪنهن به ٻئي شاعر جي پيرن تي پير ڌري، ان جو پيڇرو وٺي شاعري ڪرڻ هن جي خمير ۾ شامل ناهي. تڏهن ئي هن جي سوچ جو ڪڪر، پنهنجي ڏار سڄاڻپ سان هن جي من جي مسافر سان همسفر تي هليو آهي ۽ هلندو ٿو رهي.

منو محبوب آيو آ دعائون موج ۾ آهن.
پرين درشن ڪرايو آ نگاهون موج ۾ آهن.
خبر ئي ڪو نه پئي موسم بدلجي وئي پرين پهتو،
وڻن گهنگهرو ٻڌا آهن هوائون موج ۾ آهن.
سڪا وڻ تي پيا ساوا ٽڙن ۾ ساهه پئجي ويو،
ڪڪر برسي پيا آهن ۽ راهون موج ۾ آهن.
ٽڪو جهالا ڪجل سرخي منديون چوڙيون ٽيون ڳالهائن،
سچي هي دل نري پئي آ ادائون موج ۾ آهن.
يا،

دل چوي ٿي اڏي زندگي گهورجي.
سونهن تان اڄ ڪڏي زندگي گهورجي.
پيار سان جي نهاري پياري پرين،
تن اکين ۾ ٻڏي زندگي گهورجي.

شام جو جهولندي گنگنايئي جتي،
پينگهه ان تان لڏي زندگي گهورجي.

هيئن، هن انداز سان احساسن جا اڻڳڻيا موڪين وارا مَٺَ متارن کي پيار جي نين نين نزاڪتن سان پيئاري، ماري ماري اهڙو نئون جياپو ارپين ٿا، جيڪو پٿر کي غير روايتي نموني تراشي ڪنهن سنگتراش جي نالي کي تا ابد زنده ڪري ڇڏيندو آهي.

مان ورهايان پيار تو جڳ ۾ مگر،
هنيانوَ تي جڳ مڳ ڏرڻ لئہ منتظر.
مهرباني ڪر ۽ ڇڏ ناراضگيون،
ڦٽ سوين آهن ڪرڻ لئہ منتظر.
ائين وڏيرو ڳوٺ جي امداد لئہ،
ڳوهہ وانگي سپ ڳهڻ لئہ منتظر.

نئين سوچ جي سوين گلن جي هبڪار سان تشبيهن کي سينگاري نوان نوان گلدستا ناهيندڙ شهمير سومرو پنهنجي حياتيءَ جي شاعراڻي سفر ۾ جيڪڏهن ائين ئي ۽ اهڙا ئي جذبا ڪٺي اڳتي وڌندو رهيو تہ پنهنجي نالي کي دوام بخشڻ ۾ تہ ضرور ڪامياب ويندو پر شاعريءَ کي بہ نيون ڪائناتون فراهم ڪرڻ ۾ ڪيئي سڦلتائون ماڻيندو.

**محمد علي پٺاڻ**

لاڙڪاڻو

2020ع

# شهمير هڪ صوفي منش شاعر

شاعري شعور جي زبان هجي ٿي، جنهن سان شاعر زندگيءَ ۾ درپيش ايندڙ ظاهري توڙي باطني، داخلي يا خارجي مامرن کي لفظن جي سٽ سان اٽي ٿو. شاعري انهن سيني درپيش ايندڙ منفي روين جو اهڃاڻ هجي ٿي، جيڪي ماڻهن جي نفيس احساسن سان ٽڪرائجي، ماڻهوءَ کي پيچي پوري ڇڏين ٿا ۽ اهڙي طرح هڪ شاعر نه صرف دک، درد، يا غم ۽ خوشيءَ جي لمحن جو ترجماني هجي ٿو، پر انهن سمورن واقع ٿيندڙ ڳالهين کي اجري پوشاڪ پارائي عام آڏو پيش ڪري ٿو. شاعر پنهنجي سوچ سان سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻي سپون تلاش ڪري موتين جي مالها ٺاهي ٿو ۽ ڪائنات جي فطري سونهن کي غزلن، واين ۽ گيتن ۾ نيروليءَ وانگي رنڱي ٿو، ڪڏهن بکي پيٽ جي اندر جي پيڙا جي ڳالهه ٿو ڪري ته ڪڏهن چڪور ٻڌجي چنڊ سان ٿو ڳالهيون ڪري، هڪ سنو شاعر بي پهچ ۽ لاچار ماڻهن جي ۽ قومن جو آواز هجي ٿو. اهڙو ئي سنڌ جو هڪ مسڪرائيندڙ، صوفي منش ۽ اتساهه ڏيندڙ شاعر شهمير سومرو جنهن جي شاعري علم عروض جي ضابطن ۽ قاعدن جي بندڻ سان ٻڌل، گٽار جي تارن تي رقص ڪندڙ سرن جهڙي محسوس ٿئي ٿي. شهمير جو تعلق هڪ اهڙي پرڳڻي جي مٽيءَ سان سلهاڙيل آهي، جتان جي تهذيبي تاريخ اٽل 5000 هزار سال پراڻي آهي ۽ اتي جي علائقي جا ماڻهون اڄ به تهذيب يريا، باشعور سياسي توڙي سماجي طور ۽ سجاڳ آهن. جن ۾ ڪيترائي وڏا نالا اچي وڃن ٿا، جي لکبا ته وڏي لسٽ ٺهي ويندي، جن مان شاعري جي موضوع جي حوالي سان موجوده دور ۾ سندس نالو سر فهرت آهي.

شهمير جي شاعريءَ ۾ ديس واسين جو درد، پيڙائون ۽ محبوب جو ذڪر شامل آهي ۽ سندس جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل بهترين قافيه،

ڊگها رديف، شاعرن جي صف ۾ منفرد ڪري ٿا بيهارين. شهمير جو پهريون ڪتاب "اڪڙين جي پاڪر ۾" ڪجهه عرصو اڳ آيل آهي ۽ هي سندس ٻيو ڪتاب "جدائي جي جزيري تي" جنهن ۾ غزل، وايون ۽ نظم شامل آهن. جن مان چند شعر هيٺ ڏجن ٿا.

پيو آ خيال ۾ گهاٽو،
۽ جذبو دار تي پيو آ.

۽ ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ،

زندگي گهارڻ گهري سي صوفين جي شهر ۾.
عمر گذري ڏک اهو آ ڪوفين جي شهر ۾.

يا،

قاتل لتا، جُتڙي چنل، اڪڙيون پنل،
ان پار ڪي، ٻي پار کان ترجيح ڏي.

شهمير جي شاعريءَ ۾ رومانوي رنگ کان علاوه استعمال ٿيل ٻوليءَ جي نفاست ۽ فڪر پڻ نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ جو استعمال ڪيل ٻولي بلڪل سادي، سلوڻي ۽ موضوع مطابق رچيل آهي. هونئن بہ شاعريءَ ۾ ٻولي جان هجي ٿي، ڇو جو شاعريءَ ۾ خيال جي وسعت ۽ فڪري اڏام سان گڏوگڏ ٻوليءَ جو مناسب هجڻ بہ ضروري آهي. بهرحال اميد آهي تہ شهمير جو هي پورهيو جدائي جي جزيري تي جڙيل پيار جي منزل تي ضرور رسائيندو.

**منتظر سومرو**

لاڙڪاڻو

# اندر جو آواز

سنڌي شاعري جي افق تي هميشهہ ستارن جي جهرمٽ رهي ٿو، تن مان ڪجهہ وڏيڪ چمڪن ٿا ۽ ڪجهہ ڏنڌلا رهن ٿا، انهن روشن ستارن مان نوجوان شاعر شهمير سومرو پنهنجي روشن خيالي ۽ منفرد شاعري جي ڪري پنهنجي آب تاب سان شاعري جي روشني پکيڙيندو رهي ٿو، سندس فن ۽ فڪري سوچ هر پڙهندڙ جي دل ۾ پنهنجا اڻ مٽ نقوش ڇڏي ٿي سندس هر شعر ۾ نواڻ دل جي تارن کي ڇهندي محسوس ٿيندي آهي.

شهمير ڌرتيءَ تي فطرت جي حسين رنگن سان پيار ڪرڻ وارو شخص آهي، هن جي شاعري ۾ قوم ۽ انسانيت سان پيار جو درس ڏنل آهي، شهمير عروضي علم جي ڄاڻ رکندڙ فني ۽ فڪري لحاظ کان هڪ مضبوط شاعر آهي.

شهمير جي شاعري جي مطالعي کان پوءِ هر هڪ جي اها راءِ ضرور آهي تہ سندس شاعري ۾ انساني جذبن جي ترجماني پريل ملندي، شاعري خيالي ۽ تصوراتي شين جي بجاءِ حقيقت ۾ پنهنجي شعرن ۾ سمائي ڇڏيو آهي، شهمير شاعري ۾ هميشہ وطن جي مٽي ۽ محبت کي موضوع بڻايو آهي سندس شاعري سونهن سچ ۽ پيار جو اولڙو آهي، طبيعتن مانيٺو، محبت پريو لهجو سندس رڳ رڳ ۾ پريل آهي، سندس هر شعر ۾ وفا، محبت، پيار ۽ خوشبوءَ موضوع رهيو آهي، هن زندگي جي تلخ تجربن ۽ ذهني پيڙا جا اولڙا پنهنجي شاعري ۾ نهايت سادگيءَ سان بيان ڪيا آهن.

شهمير يار جو يار ۽ محبتي ماڻهو آهي جيڪو نہ صرف ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر ان جو عملي ثبوت بہ آهي ڏکي ويل دوستن سان

گڏ هوندو آهي. سندس شاعري ۾ پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ جو درد ۽ پيار جو جذبو خوب جهلڪي پيو جيڪو ان ڳالهه جو واضع ثبوت آهي ته هن وٽ کوکلا نعرا ناهن سندس شعرن کي اڪثر قومي جلسن ۽ تقريرن ۾ حوالا طور به پڙهيو وڃي ٿو.

اهو ان جو ثبوت آهي ته هي وطن سان حب رکندڙ سڄاڻ شاعر آهي. سندس شاعري سادگيءَ سان پرُ، برجستگي، غفائيت، بي باڪي، مٺيءَ جي هڳاءُ ۽ فڪر سان لاڳاپا رکندڙ آهي. سندس ٻولي نيٺ سنڌي ٻولي آهي شهمير جي شاعري ۾ مٺ محبتون، چين جو چاهتون، اندر جون الفتون، روح جون رغبتون، تانگهه واريون تهمتون، سڪ واريون ساعتون، هجر جون حقيقتون، هڙئي حسرتون، جذبن جو شدتون ۽ درد جون لذتون سمايل آهن.

شهمير محض فرضي ناهي لکيو هن جو هر لفظ هر شعر هڪ انسان جي اندر جو آواز آهي، ٻيائي، دوکي دولاب، بغض، ڪينو ۽ حسد ته سکيو ئي نه آهي، اهو ئي سبب آهي جيڪو ساڻس هڪ دفعو ملي ٿو ته سندس گهڻو ويجهو ٿيو وڃي، سچ ته شهمير حسن پرست، فطرت، سونهن، سچ ۽ ڌرتيءَ جو سفير آهي. شهمير نئين ٿهي جو سهڻو شاعر جنهن پنهنجي محنت ۽ مشقت سان پنهنجي هم عصر شاعرن ۾ چڱي خاصي مقبوليت ماڻي ورتي آهي شهمير جي شاعري فني ۽ فڪري اعتبار کان نهايت پختي ۽ پڪي آهي منهنجي اها دعا آهي ته شل سندس ذات کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي ۽ سندس ذات ڪڏهن به مات نه کائي سدائين فڪر ۽ فهم شاعري جي آسمان تي روشن آفتاب وانگي چمڪندو رهي.

**زيب ڪنگو**

**ڪراچي**

## پنهنجي پاران

# محبت جو ثمر

الائي وقت ڪيئن گذريو،
خبر ئي ڪا نہ پئي خود کي،
لکيم احساس ڪاغذ تي تہ ٿيندي شاعري ويئي.
سين سجڻن تي ساراهيو.
محبت جو ثمر آهي.
گهڻا ئي عيب آهن پر لکن تا پيار پاڇي ۾،
جڏهن تہ آنءُ سوچيان هي،
ڀلا مون وٽ ٻيو چاهي،؟
سوا هڪ يار پنهنجي جي،
دنيا دولت اهائي آ،
گهڻو ئي آنءُ خوش آهيان،
تڏهن ڀي مان سبان وينو،
ٿيو جو پاند پرزا آ،
نئون مون وٽ ڀلا چاهي!
اهي ئي لفظ تشبيهون ۽ ترڪيبون،
ڪٺي ترتيب سان رکيم،
اوهان جو پيار پارس آ،
سجڻ سان سون ٿيندو هان.
اچن تا لفظ لارون تي وجي تو ڏانءُ پوئيندو،

سٽن جي تند ۾ موتي سموئي سپ وجهان ٿو مان،
ڳچيءَ ۾ هار ناهي هڪ،
اهو سينگار منهنجو آ.
عشق جو سمنڊ گهرو آ،
جدائي جي جزيري تي ٻٽايل شعر هي منهنجا،
ٻتيلا ڪاغذي آهن،
مٿان طوفان اچڻو آ،
لڳي ٿو موسمن پنهنجو وري آ منهن چڏيو ڦيري،
گهٽائي داخلي ۽ خارجي احساس اٽيا هن،
لڏن لهرن جي وچ ۾ تا،
اگر ان مان ڪٿي ڪو خيال يا ڪو شعر موهي ٿو،
ته منهنجي ڪاميابي آ،
سفر سارو سڦل آهي.
سدائين آنءُ رهندو هان،
اجا سڪ جي پناهن ۾،
حياتي مختصر آهي پرين جي ساڻ هوندو آ.
ائين لڳندو الئه چو آ، جدا جي يار هوندو آ،
وڙهي ٿو وقت هر پل پوءِ،
ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي منهنجي،
جڏهن تنها هجان ٿو مان،
رهان ٿو خوفزده چو،
ڪڏهن ميلي ۾ تنهائي ڪڏهن تنهائي ۾ ميلو،
حقيقت ۾ ڏسان ٿو شاعري پي آرسي آهي،
ڏسي سگهجي ٿو اندر ڪي،

اندر جي ساري منظر کي،
ڪڏهن گهرڪي، ڪڏهن تر کي،
ڪڏهن تر کي، سفر جي ساري منظر کي،
امبرکي ۽ ستارن کي،
پيارن جي سهارن کي،
سڄو اجرو پيو آهي،
وري پڻ آنءُ ٿورائتو،
ٻئي جوڙي هي هٿڙا ٿو،
مڃان مان شڪريو سڀ جو،
خصوصن ساڻ سڄڻن جو،
ڇپائي لاءِ اتساهيو،
تڏهن منهنجو،
پڳو آ پيار جو پورهيو اوهان جي ريشمي هٿ ۾،
ڪجو احوال کان واقف،
سدا اوسيئڙو رهندو.

اوهان جو پنهنجو.

**شهمير سومرو**

مراد واهڻ محلو لاڙڪاڻو

03003428619

Shahmeeralisoomro111@gmail.com

# حمد شريف

ٻاجهه وارا ٻاجهه ڪر تون مصطفيٰ جي واسطي.
در گذر ڪر سڀ خطائون مجتبيٰ جي واسطي.

عيب مون ۾ اڻ ڳڻيا هن سڀ ڏڪيندين يا خدا،
بس شفيع المذنبين نورالهديٰ جي واسطي.

مان نه ماريو نفس کي آ نفس ماريو آ مون کي،
نفس کي ماريان ڪا سگهه ڏي ڪبريا جي واسطي.

منهنجي روزيءَ منجهه اماڻج برڪتون ئي برڪتون،
هٿ کڻي توکان گهران ٿو مان دعا جي واسطي.

زندگيءَ جا چار ڏينهڙا خير سان گذري وڃن،
ذڪر تنهنجو ڪافي آ دارون دوا جي واسطي.

بخش سڀ شهمير جا تون زندگيءَ وارا گناهه،
سڀ نبين جي سهڻي آقا پيشوا جي واسطي.

# نعت شريف

مرسل منو جو آيو، ڪڪرن خوشي ملهائي.
ڌرتيءَ جي دل نري پئي، عرشن خوشي ملهائي.

سردار جيئن جو ڄائو، خوش ٿي پيا پيغمبر،
ڳوڻن ۾ رنگ لڳي ويا شهرن خوشي ملهائي.

رحمت سندا ڪنارا ٻڏندن ڪي ها ملي ويا،
لهرن جشن ملهايو بحرن خوشي ملهائي.

موسم بهار آيو آقا جي آجيان لئه،
وڻ ٽڻ پيا ها جهومي پٿرن خوشي ملهائي.

ڪوڙا ها ڪوهه جيڪي سارا منا ويا ٿي،
ماڻهن خوشي ملهائي ملڪن خوشي ملهائي.

مرسل جا ڏند مبارڪ موتين جا سپ ها داڻا،
اجراڻ ڪي پسي ڪل هيرن خوشي ملهائي.

حجري ۾ ويهي روضي اطهر جو ڪريان درشن،
ورهن جي سڪ لاهي نظرن خوشي ملهائي.

خوشبوء اچي رهي آ شهمير خوبصورت،
مون نعت جيئن لکي آ اکرن خوشي ملهائي.

# نعت شريف

محمد مصطفىٰ آيو هوا سرهاڻ ڦهلائي.
مٺي محبوب جي هر هنڌ خدا واکاڻ ڦهلائي.

خدا جي لاڏلي پنهنجا رکيا جو پير ڌرتيءَ تي،
مٽيءَ ۾ ساهه پئجي ويو ڪڪر آلاڻ ڦهلائي.

خوشيءَ جي لهر جهومي پئي سڄو ماحول مهڪي پيو،
سڪا وڻ ٽي پيا ساوا، سرنهن پيلاڻ ڦهلائي.

ستارا رات ڦهلايا، مٿي شمس الضحىٰ جي لئه،
افق ڳاڙهاڻ ڦهلائي شفق لالاڻ ڦهلائي.

جهالت جي انڌيري کي اچي مرسل ڏني تيلي،
اجا ٽي روشني پهچي اها چانڊاڻ ڦهلائي.

نماشا وقت مرڪڻ سان، وڄايل سئي ليي تي پئي،
وڏي مصباح موهيندڙ هئي اجراڻ ڦهلائي.

شفيع المذنبين، رب پاڪ جو پيغام پهچائي،
ڪليم الله، نبي ناشر، جزا جي ڄاڻ ڦهلائي.

دنيا ۽ آخرت جي لئه يري ڇڏ ياڳ سان هادي،
اچي شهمير دامن آ، دعا جي ڪاڻ ڦهلائي.

# غزل



اکيون مليون اکين سان اکين جا ٽڪ لهي پيا.
محبوب جي ٻکن ۾ صدين جا ٿڪ لهي پيا.

هن جي چپن تي منهنجي خواهش سمهي پئي آ،
مرڪي جو هن ڏنو آ دلين جا ٿڪ لهي پيا.

منهنجي شهر جا وڻ سڀ جهمريون هڻي رهيا ها،
ڪلهه شام هوءَ آئي ڳلين جا ٿڪ لهي پيا.

ير واري ڳوٺ مان هو پاڻي ڀري جو موٽيون،
سڪين ڪي ٿي پيو ٽڪ، دکين جا ٿڪ لهي پيا.

اڄ چين آهه مليو زلفن جي چانوري ۾،
سڀ سور فوت ٿي ويا خوشين جا ٿڪ لهي پيا.

پن چڻ جي موسمن ۾ ٿارين تي جهوميا ٿي،
ٻچڙا ڏسي اڏامڪ پکين جا ٿڪ لهي پيا.

ڪنڌين سان حال سارو لهرون ڪري رهيون هن،
منزل رسيا مسافر ٻيڙين جا ٿڪ لهي پيا.

جيئن ٻار ڪيڏي سارا پنهنجن گهرن ڏي موٽيا،
ڪلندي ڏسي ٻچن کي امڙين جا ٿڪ لهي پيا.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

Eyes gazedintoeyes; the exhaustion of eyesgot over.
In beloved's hug, the exhaustion of centuries got over.

On her lips, my wish is asleep!
He looked at me smilingly, the exhaustion of hearts got over.

All the trees in my city were dancing rhythmically,
Yesterday evening, she arrived, the exhaustion of streets got over.

After collecting water from neighboring village, they returned,
The companions became tired, the exhaustion of clay water potsgot over.

Today I had a rest under the shadow of hair,
All griefs died, the exhaustion of happiness got over.

In the season of autumn on the branches of tree, they were dancing
Seeing chicks flying, the exhaustion of birds got over.

The waves were having detailed talks with shores,
Travelers reached the destiny, the exhaustion of boats got over.

As children returned to their homes after playing,
Seeing kids joyous, the exhaustion of mothers got over.

اڄ اکين کي خوبصورت شام جو تحفو مليو.
هڪ ڏکي عرصي کان پوءِ محبوب جو بوسو مليو.

مسڪرائيندڙ اکين مان پيار پئي پاتا ليئا،
چپَ گلابن جون پتيون سرهاڻ جو لهجو مليو.

زندگيءَ آڪاس تي اڄ پيار جو معراج هو،
حسن کي هرگام تي نئون عشق جو سجدو مليو.

اڄ ڪتابن مان اچانڪ يار جو هڪ خط مليو،
جڻ ته ٻڏندڙ کي درياءَ ۾ ڪاٺ جو تختو مليو.

يار مون وٽ واعدي جي وقت کان اڳ جو پڳو،
انتظاريءَ کي اچانڪ موت جو جهٽڪو مليو.

صورتن سهڻين سدائين سور سي سهڻا ڏنا،
جيءَ کي تن کان الئه چو قرب ئي ڪوجهو مليو.

هي عجب آ موسمون گوڏا پيجي ويهي رهيون،
گل ٽڙڻ جي مند کي پي ڪو نه ٻيو رستو مليو.

ڪلهه خبر پئي ڪيتري آ اهميت تقدير جي،
عمر جنهن کي سمجهيوسي سو نه هڪ لمحو مليو.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

Today eyes have got a beautiful gift of an evening,
After a long time, I got a kiss from my beloved.

Love was peeping through smiling eyes,
Lips like rose petals, embraced the fragrant tone.

Lifeon the sky, it was the climax of love today,
Beauty at every place got a newprostration of love.

Today, suddenly I found my beloved’s letter from books,
As if drowning person grasped a floating straw.

Friend reached me before the promised day,
Waiting had sudden shock of death.

Gorgeous faces have always caused pretty sorrows,
Why heart received such flawed love from them?

It’s surprising that seasons sat down on the knees!
The spring season could n’t have another route

Yesterday, I understood the significance of the fate,
What we assumed a lifedid n’t turn outas a moment even.

رات آيو خيال گيڙو ويس ۾.
پيار جو هو پال گيڙو ويس ۾.

سچ افق ارپيو، محبت جو اصول،
سچ جو هو زوال گيڙو ويس ۾.

ڇو نه تي جنوب تي حاوي پلا ؟
آ سجو شمال گيڙو ويس ۾.

مان جڳن کان سنڌ جو صوفي مٺا،
اڄ به منهنجو حال گيڙو ويس ۾.

هڪ طرف رقصم مي رقصم ئي هئو،
ٻي طرف هو لعل گيڙو ويس ۾.

ڪاپڙين جا خيال ڪاهوڙي هئا،
هو غضب هر چال گيڙو ويس ۾.

هو سچل، تبريز، باهو، موج ۾،
شاهه ۽ جلال گيڙو ويس ۾.

جسم پهريو پر عجب انداز ۾،
روح جو رومال گيڙو ويس ۾.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

Last night a thought appeared in ochregarb,
It was blessings of love in ochre garb.

Sky-dedicated truth became the principle of love,
The downfall of the sun was in ochre garb.

Why not South dominate?
The entire North is in ochre garb.

O honey! I’m Soofi of Sindh since time immemorial,
Even today my condition is in ochre garb.

On one hand,there was only dance and dance!
On the other hand, the Lal was in ochre garb.

Itinerant’s thoughts were vibrant,
Every jump was wonderful inochre garb.

Sachal, Tabreez, Baho were in a reverie!
Shah and contemplation were in ochre garb.

Body was strangely covered!
The handkerchief of soul was in ochre garb.

پوتين ۾ جا پهري معنيٰ پئي آهي.
تنهن ۾ ڪيڏي گهري معنيٰ پئي آهي.

ڳالهين مان ٿي روحاني تسڪين ملي،
لهجي ۾ جڻ مصري معنيٰ پئي آهي.

تنهنجي مرڪڻ سان ئي منهنجي مطلب جي،
چاندوڪي جيان نکري معنيٰ پئي آهي.

بادل پئجي ويندا آهن تعجب ۾،
اکڙين ۾ جا بحري معنيٰ پئي آهي.

تنهنجي خاموشيءَ مان مون کي ڄاڻ ملي،
خاموشيءَ ۾ فڪري معنيٰ پئي آهي.

چند مون جيڪي لکيا آهن شعر ٿڪا،
تن ۾ ڪيڏي ڇهري معنيٰ پئي آهي.

غور ڪري ڏسجانءِ وجي گهر آئينو،
ڇا نہ لساڻ ۾ کهري معنيٰ پئي آهي.

پيار بنا شهمير جي جهوليءَ ۾ ڇاهي،
پياري بلڪل پڌري معنيٰ پئي آهي.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

The shawls appareled bear a meaning,
That holds deep meaning.

The conversations provide spiritual comfort,
The tone sweet like a candy - misri bears a meaning.

Your smiling entwined with my intention,
Bright moonlight has become the meaning.

The clouds get perplexed,
The eyes behold ocean like meaning.

The information I obtained from your silence,
Silence carrying thoughts bear a meaning.

Some tasteless verses I wrote,
They retain such a savory taste of the meaning.

Look at mirror at home carefully,
What a smoothness reflects roughness of the meaning.

Without love, what else is in Shahmir’s lap!
Lays lovely and very apparent meaning.

احساس جي اکين مان سپنا ٿمي رهيا هن.
جيون جي هاڻ ڇن مان صدما ٿمي رهيا هن.

گھمندي رهي حسينا دل جي زمين تي ٿي،
منهنجي اندر ۾ رم جهم جلوا ٿمي رهيا هن.

وچ واٽ تي مسافر ٿڪجي سيئي سمهي پيا،
منزل جي پر اکين مان رستا ٿمي رهيا هن.

برسات ۾ اچانڪ محبوب ڏار تي ويو،
لفظن جي ٽي شهادت نختا ٿمي رهيا هن.

چهرو حياءَ ۾ هن جو ڳاڙهو ويو آ بڻجي،
سهڻي جي اڄ ڳِڻن مان بوسا ٿمي رهيا هن.

سڀ ساز چپ آهن ماٺهو وڄي رهيا هن،
فنڪار تنهنجي فن مان نغما ٿمي رهيا هن.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

From the eyes of feeling, the dreams are trickling.
From the hut of life, sorrows are trickling.

The stunning lady is walking around my heart’s land,
Inside me drizzling feelings are trickling.

In the mid of the journey, the exhausted travelersfell asleep,
From the eyes of destiny, the ways are trickling.

During raining the beloved parted ways suddenly!
The wordswere martyred, the dots are trickling.

Her face has become red in modesty,
From the cheeks of the beloved today, the kisses are trickling.

All the instruments are silent, the people are shouting!
From the art of an artiste, the songs are trickling.

جواب سپ وسي ويا سوال ٿو ٻري اجا.
اسان جي پيار جو پرين مثال ٿو ٻري اجا.

آ تخت تي بہ وقت ساڻ سونهن جهيٽي ٿي وئي،
۽ جهوپڙيءَ ۾ عشق جو مشعال ٿو ٻري اجا.

الائي ڇا ڏسڻ وئي چڙهي هو شام ڇت مٿان،
اسان جي عيد تي وئي هلال ٿو ٻري اجا.

اجا شراب آ پيو، اجا تہ رات آ پئي،
پياڪ سپ سمهي پيا، ڪلال ٿو ٻري اجا.

مگن ها رات خواب سپ قلندري ڌمال ۾،
الست عشق ۾ اسان جو لعل ٿو ٻري اجا.

حيات اڌ صديءَ جي لڳ گذر ڪري ڇڏي مگر،
آ جنهن ۾ توسان ٿيو ملڻ سو سال ٿو ٻري اجا.

ڪو سازشن جو سمنڊ سنڌ ڏي پير پايون ٿو اچي،
ڪمال آ الله جو جلال ٿو ٻري اجا.

سڙي ٿو ويل خوف جو شهر جي چونڪ چونڪ تي،
۽ ڳوٺ ڏي قبائلي پلال ٿو ٻري اجا.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

All answers extinguished, the question lighting yet
O, beloved! our instance of love, burning yet.

Don’t know! what she wanted to watch on the roof
For us, it is celebration, the moon is illuminating yet.

Still wine is there, still night is there!
Drunkards fell asleep, bartender is awake yet.

My night dreams were busy in Qalandari Dhamal -ritual!
In the love of Allah, our Lal is burning yet.

Life spent near half of the century, but!
The year I met you that is burning yet.

The beauty on the throne diminished with the time,
And the torch of love in the hut is lighting yet.

An ocean of conspiracies advancing towards Sindh,
It is marvel of Allah, the fury is burning yet.

Tyres of fear burn at each chowk of the city,
And in the village, the tribal halm is burning yet.

عاجزي منهنجي پرين جي بي رخي ڇانگي پئي.
بي رخي محبوب جي پر دل لڳي ڇانگي پئي.

شهر ۾ هڪ چونڪ تي اڄ ڪوڙ ماڻهن جي اڳيان،
حسن جي عاشق جا عضوا عاشقي ڇانگي پئي.

روشني سان پيي تعلق هو دنيا داري هئي،
ڪالهه ڪان پر چنڊ جي ناراضگي ڇانگي پئي.

زندگيءَ ۾ دوستيءَ جون چار تاريون ڇا ڦٽيون،
ڏس ته غربت جي ڪهاڙي دوستي ڇانگي پئي.

زندگيءَ ۾ پيار پيي آ ڏار ٿي مون ڪان ويو،
ڏوهه ڪهڙا هاڻ منهنجا بندگي ڇانگي پئي پئي.

ڪو نه تون شهمير ٿي سگهندين سنگت ۾ سرخرو،
توکي طبيعت جي سدائين سادگي ڇانگي پئي.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

My humbleness is trimming the rudeness of my beloved!
Inattentiveness of my belovedistrimming my affection.

Today in front of a crowd at the chowk of the city,
The bodyparts of lover are being chopped by the affection!

Had a relationship with enlightenment and worldliness,
But angriness of the moon is trimming me since yesterday.

That the four branches of friendship grew in life,
Look! the axe of poverty is trimming friendship.

In life, the love has been lent out by me!
Unknown sins of mine are now being trimmed by the prayer.

Shahmir! you could not be glorified in the friendship,
You’re being trimmed by the simplicity of the temperament.

زندگي گهارڻ گهري سي صوفين جي شهر ۾.
عمر گذري ڏک اهو آ ڪوفين جي شهر ۾.

پيار جي پرچار ڪونهي نانگ تا پالن رڳو،
ساهه مٿ ۾ پيو گذاريان جوڳين جي شهر ۾.

هر طرح جا خطرا آهن خيال رکڻو تو پوي،
پيار پنهنجو جڻ رهي تو فوجين جي شهر ۾.

هر قدم تي ظلم ٿيو آ عشق مون ڪي آ چڳو،
پيار ڪي مون پئي ڳنڍيو آ ڪورين جي شهر ۾.

هو چني تو مان ڳنڍيان تو روز روحاني ڳنڍيون،
جڻ تہ رهندو آنءُ آهيان ڪورين جي شهر ۾.

قرب جي لالچ ۾ اڙجي آنءُ لٽجي هان ويو،
مان تباهي جي علامت نوڳين جي شهر ۾.

چو جدائي جي جزيري تي رهن ٿيون محبتون،
مان ملڻ چاهيان تو جن سان روشنين جي شهر ۾.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

Wished to pass life in the city of Soofis – mystical people
Spent life grieving in the city of traitors.

Love is not preached, snakes are nurtured,
Spending life of intimidation in the city of snake charmers.

Present are dangers of all kinds, one has to be cautious,
Our love is endangered as if it dwells in the city of troops.

Have been oppressed at every step, love tore me apart,
Love was knitting me in the city of knitters.

He breaks up, I knit knots of soul daily,
As if I reside in the city of knitters.

In the greed of love, I have been plundered.
I'm the symbol of devastation in the city of hoodwinkers.

Why does love dwell on the island of separation?
I want to meet them in the city of lights.

تنھنجي زلفن کي ڇھڻ پڻ آڱرين جو خواب ھو.
تنھنجي ڇھري کي پسان پيو اکڙين جو خواب ھو.

منھنجي جيون جي خوشيءَ جي زندگي اوندھ ھئي،
چند ڇپڙن کي چمڻ بس حسرتن جو خواب ھو.

مون ڏنيون پئي تارين تي، ڦٽڪندڙ بي چين سپ،
تنھنجي پوتيءَ ۾ پوڻ، سپ سڳرين جو خواب ھو.

جوھرين جي ھٿ پڳا پر پوءِ ٻيي پڇتاءُ تن،
تنھنجي چولي ساڻ چنبڙڻ موتين جو خواب ھو.

ڦوھ جوڀن ۾ سدائين ڇوڪرن جي ننڊ ڦٽل،
ڄامشوري جي ھوا ۾ ڇوڪرين جو خواب ھو.

زندگي جي اوڏکي پت کي لڳي ويو سيڪ آ،
من مندر ۾ خوبصورت مورتين جو خواب ھو.

ڪو نہ تي آھي مناسب جاءِ اڄ تائين نصيب،
موت جي منھن ۾ سدائين جوڳين جو خواب ھو.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

Touching your hair was the dream of my fingers,
Staring your face was the dream of my eyes.

The life of happiness of my life was the dimness,
Kissing of moon light lips was the dream of my desires.

I was watching them writhing on branches,
To be fallen into your shawl was the dream of Sangria.

Reachedin the hands of jewelers even then feltregret,
Sticking with your shirt was the dream of the pearls.

Youths in their youthfulnessare always sleep-deprived,
In the winds of Jamshoro, it was the dream of girls.

Life’s mud wall got heated,
In my heart’s temple, it was the dream of beautiful idols.

Could not find a suitable place yet,
Before death,it was always the dream of snake charmers.

Note:سڱري Sangri plural Sangria – its biological name is Prosopis cineria found mainly in Thar Desert of Pakistan and Rajasthan India.

بڌ کن ڪولي اوءِ! خساري ۾ آهيان.
تنهنجي وئي ڪان پوءِ خساري ۾ آهيان.

تو تہ ڪٿيو آ، تون پل پاءِ, ٿهڪن گل،
مون هارائي گوءِ خساري ۾ آهيان.

جيون چج ۾ چاهي، تنهنجي ياد سوا،
پاڻ اچي تون سوءِ خساري ۾ آهيان.

تنهنجي ڪم پيو ايندس، آخر تائين مان،
مونکي ميڙي ڊوءِ خساري ۾ آهيان.

سرمد! تو ڪي ساري, روئي چوندي آ,
اڄ ٻيي پريالوءِ خساري ۾ آهيان.

جيسيتائين سج ايري، ٿئي آزادي،
ووڙيان وينو ووءِ خساري ۾ آهيان.

هيڏي ساري جڳ ۾ پيار پيو طلبيان،
ڪو تہ ڳنڍيندڙ هوءِ خساري ۾ آهيان.

Poetry of Shahmir Soomro
Translated by Nawab Ali Rahoo

O! listen to me carefully, I'm in loss.
After your departure, I'm in loss.

You've won! you may have jubilation!
I have lost the race, I'm in loss.

Without your memory, what is there in winnowing fan of my life!
You may yourself come to sift me, I'm in loss.

I would be of service to you till the end,
Sweep and assemble me, I'm in loss.

Weepingly remembering you Sarmad!
Piryaloi (land of beloved) even today! I'm in loss.

Until sun rises, liberty prevails,
Endeavoring for it! I'm in loss.

In this huge world, desiring forlove!
Must there be anybody to make bond with, I'm in loss.

منھنجي اک جو بادل سان آ شجرو ملندو.
تنھنجو اک جو ڪاجل سان آ شجرو ملندو.

تنھنجي زلفن سان خوشبوءِ جو لاڳاپو آ،
تنھنجو تڏھن ھرگل سان آ شجرو ملندو.

غور ڪري ڏس پاڻ ٻنھي جو تعلق ائين آ،
ٻيڙيءَ جو جئين ساحل سان آ شجرو ملندو.

مان تہ گلاب ڪي ڏسندو آھيان لڳندو ائين آ،
ڄڻ تہ گلاب جو ڪو ڳل سان آ شجرو ملندو.

حسن بڻايو اھڙو مونکي ديوانو آ،
منھنجو ڄڻ ڪنھن پاڳل سان آ شجرو ملندو.

چيلھ تي ھٿ ڏئي ٻيھي سوچن ڏوھ ثواب،
پيرن جو پيي پايل سان آ شجرو ملندو.

ڌرتيءَ سان پيي اھڙو رشتو جڙيل آھي،
جھڙو منھنجو آيل سان آ شجرو ملندو.

تو تہ بڻايو شعرن ۾ منڙي ممتاز،
بيحد سھڻي ھڪ گل سان آ شجرو ملندو.

چنڊ جمني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.
رات سپني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

رات اڌ رات اکين منجهه وڏي مون ٻه ڪٽي،
ننڊ رخني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

هوءَ چالاڪ هئي مونکي پئي پوءِ خبر،
پيار فتني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

منهنجي پيرن کي هٿن کي ٻه هئي ميندي لڳل،
کير بدني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

منهنجي اوندهه کي ڏيڻ ٻاهه هلي آئي هئي،
تيل چمني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

هن ڏنو هڪ ئي پيري خوب هٿن ساڻ گلاس،
ڪجهه ته پني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

لوڪ پل چا ٻه چوي دل ته ڏيڻ آئي هئي،
معنا يعني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

هانءَ ۾ اڄ ٻه چيي تو هي سچي ڳالهه اتوَ،
تير طعني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

ٻاهه پاڻيءَ ۾ لڳائڻ ڪو سکي، هن ڪان سکي،
قرب ڪيني ۾ وجهي هوءَ ڪٽي آئي هئي.

دل جي ديوارن تي نالو تنھنجو آ.
دروازو بند آھي تالو تنھنجو آ.

ٿورو پاڻ سنڀالي منھنجي پر مان اٿ،
ڪالر پرسان ڦاٿل والو تنھنجو آ.

پليل ماڻھو چانڊوڪي ٿا سمجھن سڀ،
مان ٿو ڄاڻان ھيءُ اجالو تنھنجو آ.

منھنجي عاشق طور سڃاڻپ ٿي وئي آ،
ھاڻ حسينن منجھ حوالو تنھنجو آ.

تازو پيارَ پيالو پيتو آھي پاڻ،
چپ جي پاڻيءَ سان ڳل آلو تنھنجو آ.

پنھنجي چاھت جي ڳڏجاڻي ٿي آھي،
منھنجو ھڪڙو شعر مقالو تنھنجو آ.

منھنجو جيون اس ھو، سھڻي سچ آھي،
تو ھن چوڙيا وار جھڙالو تنھنجو آ.

زندگيءَ کي وقت چاڻيءَ ۾ چڏي.
وچ نہ منڙي اڏ کهاڻيءَ ۾ چڏي.

تون تہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي مرڪي پئي،
پر وڃي ٿي ٻاهہ پاڻيءَ ۾ چڏي.

تنهنجي پيرن جي مٽي مان خاڪ کي،
خوش ٿيان ٿو، سرمي داڻيءَ ۾ چڏي.

رک توقع تون ملڻ جي هر دفعي،
وچ نہ تون صدمو وراڻيءَ ۾ چڏي.

سچ لهي ٿو مان وڃان ٿو ڳوٺ ڏي،
پنهنجا پيرا ٻاقراڻيءَ ۾ چڏي.

لڙڪ ويندا خود وٺي هن ڄام کي،
مرڪ آيو آ مهاڻيءَ ۾ چڏي.

سور ئي ويندو قبر تائين وٺي،
خواب جيڪو ويو مياڻيءَ ۾ چڏي.

دل! سونهن کي سينگار کان ترجيح ڏي.
۽ پيار کي تڪرار کان ترجيح ڏي.

هي ڳالهه آ ڳوري مگر چوٽي پئي،
سهڻيءَ کي ميهار کان ترجيح ڏي.

تڏڙي هوا ڪڻ ڪڻ پوي ٿي شام جو،
اڄ يار کي سنسار کان ترجيح ڏي.

سامهون هجي محبوب ڀي مئہ ڀي هجي،
اظهار کي ماٺار کان ترجيح ڏي.

قاتل لٽا، جُتڙي چنل، اکڙيون ڀنل،
ان ٻار کي ٻي ٻار کان ترجيح ڏي.

ڪلهه رات ڀي دردن ڏئي ڌمڪيون چيو،
اقرار کي انڪار کان ترجيح ڏي.

ڏکڙا ڏسي روئي ڏنئي، مرڪي بہ ڏس،
آسان کي دشوار کان ترجيح ڏي.

هٿن جي ٻڪن ۾ گلابن جا گل ها.
اکين جي ٻڪن منجهه خوابن جا گل ها.

اهو مون کان منظر نه ٿو مور وسري،
گلابي هٿن ۾ ڪتابن جا گل ها.

رقيبن سوالن جا ڪنڊا چڀايا،
ته مرڪن سان مون وٽ جوابن جا گل ها.

پرين تنهنجي خاطر زمانو آ شاهد،
چپن جي ٻڪن ۾ دعائن جا گل ها.

سدائين سلامي آ خوشبوءِ پريندي،
پرين وٽ ڪي اهڙا ثوابن جا گل ها.

هميشه دلين ۾ اسان پيار پوکيو،
ته چپندڙ مليا سڀ خطابن جا گل ها.

جتي پي ملياسين، ته شهمير تازا،
ڪي لهجي ۾ ٽڙندڙ حجابن جا گل ها.

پيار جي ڪيميا نہ ماري سي.
زندگي عشق منجهہ ٻاري سي.

سونهن ڪي سيءُ تي لڳو جنهن دم،
دل هي سگري ڪري بہ ٻاري سي.

يار محفل ۾ تو نہ ويهاريو،
مئڪدي ۾ حيات گهاري سي.

تو پيارڻ ڪان نڦ جواب ڏنو،
بيخودي تنهنجي دڳ تي ساري سي.

زندگي سان يڪو هئو جهيڙو،
موت ڪان اڳ پرو ٿي هاري سي.

يار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.
پيار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

هو ڪٿي آ ويو مان خوش آهيان،
هار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

عشق منصور آ ڪيو مون ڪي،
دار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

اڪ ڪتو آ، شهيد ڪونيو پر،
وار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

سمنبر مان چنبر درد جو اپريو،
سار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

ڏيءُ جا وار تي ويا چاندي،
ٻار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

ماءُ هوڪا ڏئي پئي وڪڙي،
ٻار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

رات ڪاري ڪچو گهڙو درياهہ،
تار جو ڪير ترجمو نہ ڪري.

سپنن کي اڄ دل ۾ ڏاڍو سور پيو آ.
مرڪن کي اڄ دل ۾ ڏاڍو سور پيو آ.

ڪول نقاب ته جهٽ ڪن مان ديدار ڪيان،
نيڻن کي اڄ دل ۾ ڏاڍو سور پيو آ.

تنهنجي ڳوٺ ڏي ڪو نه اچڻ تي سگهيو آ،
پيرن کي اڄ دل ۾ ڏاڍو سور پيو آ.

مون ڏي منڙا پاڻ هلي تون آيو آن،
صدمن کي اڄ دل ۾ ڏاڍو سور پيو آ.

ڏارين مون کي دل ڪولي جو قرب ڏنو،
پنهنجن کي اڄ دل ۾ ڏاڍو سور پيو آ.

گلابن جون پتيون جڻ خواب آهن ننڊ هاري تي.
اسان ٿا ننڊ ۾ جيئون اسان کي جاڳ ماري ٿي.

حقيقت ۾ غنيمت آ اوهان جي ويجهڙو آهيون،
اوهان جي سونهن مرڪي عشق جون سرڪيون پياري ٿي.

اسان منزل ڇڏي پٺ تي اسان جو پنڌ اڳتي آ،
سفر ۾ سوچ آ پنهنجي نہ پل ڪاٿي ويهاري ٿي.

الئہ ڇو ساهہ ۾ ماپي نہ ٿو اڄ ساهہ سوچيان ٿو،
اوهان جي سار جي نہ تہ هر وڏي مشڪل کي ٽاري ٿي.

افق آيو ڪٽي آهي شفق جا چانورا ليڪن،
ستارا ٿا چون هرهر اوهان کي باک ساري ٿي.

فقط دل ۾ محبت جو ڪٽي احساس نڪتاسي،
وسامي وقت ٿئي ها پر، اسان کي سوچ ٻاري ٿي.

ديد هڪڙي لال جوڙي ۾ ٻُڏي.
دل اسان جي اڄ منوڙي ۾ ٻُڏي.

مسڪرائي هو ڪناري تي مليو،
ننڊ منهنجي وئي وچوڙي ۾ ٻُڏي.

روڊ تي مزدور بک وينو ڪُٺي،
سوچ هن جي وئي هٿوڙي ۾ ٻُڏي.

هي ظلم پڻ هڪڙي هاري سان ٿيو،
ڪنوڻ ڪلندي ان جي ڪوڙي ۾ ٻُڏي.

هڪ ڪکر پٽڪي هوا جي چرچ تي،
ٻاهه اجلي جيڪا هوڙي ۾ ٻُڏي.

ٻوڳنائن ۾ لڙهي ويو خاندان،
زندگي بندوق گهوڙي ۾ ٻُڏي.

هڪ جڏي حسرت اٿي اڌ رات جو،
پاڻ پاٽي گونگي ٻوڙي ۾ ٻُڏي.

هن چڏايو هٿ ته مان سن ٿي ويس،
دل پوءِ منهنجي جڻ هٿوڙي ۾ ٻُڏي.

اڇو مٿو ڪري هو انتظار ۾ مئو.
عجيب شخص نيٺ اعتبار ۾ مئو.

هو نفرتن جي درميان ڪلي ڪلي رهيو،
وڏي ۾ هي وڏو آ سچ تہ پيار ۾ مئو.

غريب وٽ نہ ڪجهہ هئو سواءِ ياد جي،
اهو بہ سچ لهڻ جي وقت سار ۾ مئو.

هئس تہ ڪجهہ بہ ڪو نہ پر الائي ڇا مليس،
سدائين بي قرار پر قرار ۾ مئو.

ڇون پيا هي عشق جي انوکي راند آ،
ويو کٽي اهو ئي جيڪو هار ۾ مئو.

خزان ۾ خوش رهڻ جو پؤنر کي هنر هئو،
الائي ڪيئن اهو وجي بهار ۾ مئو.

گلابي رنگ جا بدن تي ڪوڙ ڏڪ هئس،
ڇون ٿا رات جيڪو شخص پيار ۾ مئو.

ڇگي طرح تہ جي رهيو هئو شهمير پر،
اهو بہ نيٺ اڄ اکين جي وار ۾ مئو.

وشواس جي وزن کي توريو، سگهو جي توري.
احساس جي وزن کي توريو، سگهو جي توري.

هر سمنڊ پنهنجي معنيٰ ڪاري ڪري وڃائي،
هن پياس جي وزن کي توريو، سگهو جي توري.

دل وٽ لڳائي ديرو، اکڙين جي ساهميءَ ۾،
آڪاس جي وزن کي توريو، سگهو جي توري.

اخبار جي خبر تي ڳوڙها ڳڙي ڪري پيا،
هن قياس جي وزن کي توريو، سگهو جي توري.

حسرت جي ديد سان ڪجھ دنيا کي تورجي ٿو،
افلاس جي وزن کي توريو، سگهو جي توري.

مقدس جڳهه تي قبضو هن شور چو ڪيو آ،
بڪواس جي وزن کي توريو، سگهو جي توري.

هئس پهاڙ مگر اڄ لڏي ويو آهيان.
سڏيو آ حسن اڏي تي ڪڏي ويو آهيان.

ڇيائين ڪجهه ٻه نه ٿيندو، اکين ۾ آءُ هلي،
۽ سچ اهو آ، وڃي مان ٻڏي ويو آهيان.

ملڻ جي وقت وڇوڙو رڳو ڇيو هن آ،
نهن کان چوٽ تائين مان ڏڏي ويو آهيان.

پيو هان سونهن جي پويان سندس ڪا ٻاجهه پوي،
الائي ڪهڙي طرف مان اڏي ويو آهيان.

مڪان لامڪان ۾ نه ٿو رهان هاڻي،
لڳي ٿو عشق جي پاسي اڏي ويو آهيان.

پيار سان جنهن اکيون خود اڙايون هيون.
اڄ انهي جون رڳو بس لڙايون هيون.

منهنجو ميسيج کولي پڙهي ئي نہ ٿي،
جنهن جي خاطر متاثر پڙهايون هيون.

هاڻ هٿ جي مٿان هٿ نہ ٿي ڏئي رکڻ،
جنهن جي ٻانهن لئہ چوڙيون گهڙايون هيون.

اڄ اسان کان پري آ گهٽو ئي پري،
جنهن جون سڀ کان گهٽيون ويجهڙايون هيون.

مون کي ڏاڍو ڏيڻ پيي ڏکيو ٿو لڳيس،
جنهن لئہ هيرن جون منديون جڙايون هيون.

جاڳ تي، ننڊ تي، خواب تي، خيال تي،
روز يادن جون مون وٽ چڙهايون هيون.

ڪجھ رنگ ۾ فرق آ، ڪجھ ذات ۾ فرق آ.
پنهنجو ملڻ ڏکيو آ، اوقات ۾ فرق آ.

تون شهر ۾ پڙهي آن، مان ڳوٺ ۾ پڙهيو هان،
تون مختلف تڏهن آن، شروعات ۾ فرق آ.

نس نس ۾ پيار سانديم، ڪاوڙ ڪني ڪئي تو،
تنهنجو مزاج ٻيو آ، جذبات ۾ فرق آ.

جاني جدا نہ ٿي بس، جي ٿي تہ موت ماري،
نہ تہ زندگي ۽ ڪھڙو سڪرات ۾ فرق آ.

تنهنجي تہ چت پڪي آ، جهڙ ڦر نہ آ مسئلو،
منهنجو تہ گھر ڪچو آ، برسات ۾ فرق آ.

نروار ٿي پيو آ شهمير سڀ چون ٿا،
تنهنجي ڪري پياري، پيو ڏات ۾ فرق آ.

راهه اوکي آهه، تون سڻائي ڪر.
منهنجي محبوب رهنمائي ڪر.

دل کي دورا پون ٿا درشن جا،
آءُ ديدار جي پڙهائي ڪر.

هي زمانو ڏکيا تو ڏنگ هڻي،
ڳل چمڻ ڏي اها چڱائي ڪر.

هاڻ سيني سان لاءِ تون مون کي،
منهنجي خوشين جي رونمائي ڪر.

عشق تو سان صفا انڌو آهي،
سونهن مون ڏانهن روشنائي ڪر.

خوف تي تو، پري نہ تي مون کان،
مون سان هر وقت ويجهڙائي ڪر.

منهنجي دل جو علاج ڪر سهڻي.
دل تي هٿ سان مساج ڪر سهڻي.

تنهنجي سامهون اچان تہ گهٽ ۾ گهٽ،
مرڪ پنهنجي خراج ڪر سهڻي.

تون ملڻ لاءِ مالڪن اڳيان،
ٿوري احتجاج ڪر سهڻي.

هاڻ نفرت کي چاڙهہ سوليءَ تي،
پيار وارو مزاج ڪر سهڻي.

عشق جي آءُ عرش معلىٰ تي،
محبتن جو معراج ڪر سهڻي.

روح جي تون ئي صرف آن راڻي،
مون کي تون پنهنجو تاج ڪر سهڻي.

منهنجي ٿهڪن سان تون نڪاح ڪري،
منهنجي خوشين کي ڏاج ڪر سهڻي.

چنڊ، خوشبوءِ هوا ۾ رات سڄي،
مون سان ڪو امتزاج ڪر سهڻي.

دل جي آڳر تي ٿھڪن رقص ڪيو.
تنھنجي پھچڻ سان ڌڙڪن رقص ڪيو.

آزاديءَ سان مون اڄ جو ڪاڳر تي،
تنھنجو نانءُ لکيو اکرن رقص ڪيو.

چير ٻڌي آھي شيما ڪرماٽي،
موسم مھڪي پئي پن پن رقص ڪيو.

ھٿڙن جي تاڙين ھال ۾ جھونگاريو،
ڇا تہ سھائي جي گھنگھرن رقص ڪيو.

آئي جيئن ھواءِ ڪٽڪ لوڏ ڪري،
سھڻي ڇھري تي، زلفن رقص ڪيو.

ھوءَ حقيقت ۾ پيار پئي پوکي،
رات بہ نيٽن ۾ سپنن رقص ڪيو.

اجري پاڻيءَ ۾ ڪنھن جو خواب ھئو،
جنھن جي وھنجڻ سان لھرن رقص ڪيو.

ٻار پئي ٻھڪيا، پيريءَ پيار ڪيو،
سھڻو جيون ۾ جوڀن رقص ڪيو.

جسم ۾ روح ۾ گڏيان توکي.
دل نہ ٿي چئي تہ مان ڇڏيان توکي.

مان پرين پيار جو بڻيل آهيان،
پاڻ ڏاهي بہ مان اڏيان توکي.

ان مان چاهت جو هڻ تون اندازو،
آنءُ ننڊ ۾ بہ ٿو سڏيان توکي.

خيال منهنجا طواف تنهنجي ۾،
آنءُ بوسا ڪيئن نہ ڏيان توکي.

تون رڳو پيار ڏي حياتيءَ ۾،
مان سڄي ڪائنات ڏيان توکي.

مون سان ڳنڀير معاملو آهي.
تو رکيو ڇو مفاصلو آهي.

زندگي کو نہ ٿي ٺهي مون سان،
اڄ انهي ساڻ فيصلو آهي.

هڪ وڏيري جي نيڪ آ هن کي،
منهنجو مالڪ ئي ڀرجهلو آهي.

درد بي واجبي ڪئي مون سان،
مون ۾ طاقت آ حوصلو آهي.

ڪيترا ڏک ۽ سک مليا آهن،
تن جو ڪرڻو تقابلو آهي.

روز مارڻ اچي پيو مونکي،
موت سان اڄ مقابلو آهي.

مان تہ شهمير حق تي وڙهندس،
سڀ چون ٿا صبر ڀلو آهي.

مان مٺيءَ جو نصيب پٿر جو.
خوب آهي فريب پٿر جو.

جسم کي گهٽ سزا ڪٿي آهي،
روح جي لئہ صليب پٿر جو.

ناز هن جا نفيس هن ڏاڍا،
آهہ سهڻو عجيب پٿر جو.

مون ٻڌو هو حساس طبيعت آ،
پر لڳي ٿو اديب پٿر جو.

هر ڪو شيشي جو گهر پيو ناهي،
دور آهي عجيب پٿر جو.

ويلي ويلي خدا صبر سان ڇو؟
نان ڪائي غريب پٿر جو.

سڀ ڇون ٿا اجا عيان ٿيندو،
فلسفو عنقريب پٿر جو.

باغين جي شام کي هو رات جو صدمو مليو.
دل جي دروازي تي زخمي اڌ مئل اڌمو مليو.

حالتن کي لڙڪ لاڙي ڇو هوائن هٿ ٻڌا،
وقت خود حيران آهي وقت کي جهٽڪو مليو.

دل عقيدي جي تصور ۾ اڪيون ٻوٽي ڇڏيون،
صوفين جي سوچ کي هو نور جو جلوو مليو.

ڇو ڪنن ۾ پيا ٻرن ٽا دشمنن جا ٺهڪڙا،
دوستيءَ جي راهه تي هر بار نئون سڏڪو مليو.

خوبصورت، مائرن جون حسرتون پوريون ويون،
روشنين جي شهر کي اونداهه جو ڪتبو مليو.

هر دفعي جيان پير ميرن ۾ وڏيرن پيٽ پريو،
ديس واسين کي ڪٽي سٽيو پلا لقمو مليو.

ڪالهه مارن، قيمتي جن کي ڏنو هو ووٽ اڄ،
موت ۾ تن ڪان انهن کي آهي هڪ جمنو مليو.

اڄ صبح جو مون ڏنو مئخاني ويجهو هو رقيب،
حادثو ٿئي حادثو پر سوچ ۾ هان ڇو مليو.

واقعا اهڙا تين تا شاعري سرجي نہ ٿي.
لفظ ئي ڦٽجو وڃن ٿا شاعري سرجي نہ ٿي.

خوبصورت خيال جو جهٽ هنيانءُ ڦاٽي ٿو پوي،
نيڻ ٻئي ٽم ٽم ٽمن ٿا شاعري سرجي نہ ٿي.

روز ڪنهن معصوم سان جنسي ٿئي ڏاڍائي ٿي،
لڳ سيئي ٿڙڪي پون ٿا شاعري سرجي نہ ٿي.

آهہ عزت جي مٿان اڄ بيعزتيءَ جو هٿ ايو،
ٽانوَ هٿڙن مان ڪرن ٿا شاعري سرجي نہ ٿي.

ماءُ پنهنجي جوان پٽ مان خوفزدهہ ٿي رهي،
پيڻ ڪي پائر ٽڪن ٿا شاعري سرجي نہ ٿي.

پٽ عياشي ۾ گذاري پيءُ پيو بيمار آ،
روڊ تي ٻچڙا پنن ٿا شاعري سرجي نہ ٿي.

پوڙهو ماڻهو ڪجهندي ڪجهندي آخر نيٺ اٿيو.
ڏرتيءَ خاطر نلهه ڪي پائي ياڪر نيٺ اٿيو.

پرسان بينل جوان ڪان هڪدم چرڪ ويو نڪري،
چندڪو ڏئي هو جوش مان ويڙهي چادر نيٺ اٿيو.

ديس ورهائڻ وارا دلا ٿورو پنهنجو سوچ،
پوڙهو تو ڏي ڪٽندي پنهنجو پادر نيٺ اٿيو.

تنهنجا هوش هوا ۾ ڪائي ڦاهو انت ڪندا،
ڏونگر ٻڻجي تنهنجي آڏو ڪونڌر نيٺ اٿيو.

بند ڪر پنهنجو وات گهٽي آ تنهنجي بڪ ٻڌي،
سوچي سوچي الر ڪري اڄ شاعر نيٺ اٿيو.

هن کي بہ تاج آهي هن کي بہ تاج آهي.
ناني ويڙهو سڏو سنئون اڄ ڪلهہ رواج آهي.

معصوم نينگريءَ جو ٻوريءَ مان لاش مليو،
وهشيءَ جو ڪاڄ ٻٽيو، اجرو اناج آهي.

هڪ ٻار ريگيوليٽر وٽ وهنجندي ٻڏي ويو،
اوندهہ جو ڪُنُ ٻُڌي ويو اڄ ڀي سراج آهي.

هڪ ماءُ ٻارڙن جي بيهوش دڳ تي پئي آ،
معذور صحت ڪاتو بيوس علاج آهي.

ڪيڏي جهري پئي آ هتڙي حياءَ جي ڪوٺي،
ڪاٿي اڪيون رڪان مان ننگو سماج آهي.

تخيل تار تي پيو آ.
غزل تلوار تي پيو آ.

پيو آ خيال گهاٽي ۾،
۽ جذبو دار تي پيو آ.

ويو آ خون ڪارو ٿي،
چندبو سردار تي پيو آ.

متان تشبيهه مارايو،
جرم پوتار تي پيو آ.

الائي چو حويليءَ جي،
رئو ديوار تي پيو آ.

سڄي گهر جو وڏو ٿي ويو،
وزن ڪل بار تي پيو آ.

زندگيءَ جي اکين ۾ ڪجل پيار جو.
شال هر دم رهي رنگ لڱل پيار جو.

نفرتن جي صفا پاڙ پٽجي وڃي،
تيار ٿي جيڪڏهن هڪ نسل پيار جو.

ان سبب آنءُ تو وٽ اگهامان پرين،
منهنجي ڪاتي ۾ آهي عمل پيار جو.

تنهنجي پرسان پڇي مان تہ سوچيان پيو،
مسڪرائي وڏئي ٻڪ اول پيار جو.

خيال سان مل وڇوڙو ڪندو پيل آ،
ڇو جو پنهنجو پڪل آ فصل پيار جو.

سرهاڻ تي ٻڏائي گلدان آهي تازو.
محبوب جي اچڻ جو امڪان آهي تازو.

بادل پڇي ويا هن رمِ جهم ڪرڻ ڏسان ٿو،
ڌرتي ويو ٻهاري طوفان آهي تازو.

چهرو ڏسي پرين جو اڄ ڏينهن پڙهيو ڪلمو،
زلفن تي رات آندو ايمان آهي تازو.

عاشق اکيون جهڪائن جلوو ڏسي نہ سگهندا،
هي حسن ڪريو جاري فرمان آهي تازو.

دل جا مريض ماڻهو ڪجهہ دير دل سنڀالن،
آ نئون شڪاري پهتو هر ڪان آهي تازو.

مون ڏي حياتي منهنجي مرڪي ڏسي رهي آ،
رب پاڪ جو اهو ئي احسان آهي تازو.

آهيان غلط يا ناهيان الله کي خبر آ،
مان سونهن کي ٿو پوڄيان اعلان آهي تازو.

ڪو محبت ڪان منهن جي موڙيندو.
رب ڪندو زندگيءَ ۾ لوڙيندو.

پيار ۾ ايترو مزو آهي،
اڄ به مان هٿ وتان ٿو جوڙيندو.

ڪو ته دل تي اچي ڪندو قبضو،
ڪو ته ان تي به علم ڪوڙيندو.

هو جو دولت پيو رڳو ميڙي،
ڇڻ ته ڪندا وتي ٿو ميڙيندو.

سونهن پنهنجي وڪير او سهڻي،
عشق منهنجو ته توکي ٻوڙيندو.

ان کي دنيا زليل خوار ڪري،
دل اگر ڪير ڪنهن جي ٽوڙيندو.

ڪيترا ڏينهن چپ رهي شهمير،
چپ جو روزو به نيٺ ڇوڙيندو.

سنن تي خرابن چڙهيو قرض چاڙهي.
چپن تي نقابن چڙهيو قرض چاڙهي.

اوجاڳي جو ننڊ ساڻ ناتو ڇا جڙيو،
اکين تي بہ خوابن چڙهيو قرض چاڙهي.

وياجي جفائن ۾ جيون اڙيل آ،
اجا ڀي عذابن چڙهيو قرض چاڙهي.

الئہ ڇو انهن کي پڙهي ڪو نہ سگهيس،
ڪبٽ جي ڪتابن چڙهيو قرض چاڙهي.

تقاضا اها آ توهان پاڻ لاهيو،
توهان تي حجابن چڙهيو قرض چاڙهي.

سوالن ۾ سالن کان الجهيل هئس مان،
گهڙيءَ ۾ جوابن چڙهيو قرض چاڙهي.

مسلسل گناهن جي گهيري ۾ آهيان،
سدائين ثوابن چڙهيو قرض چاڙهي.

محبت جي خاطر بنا مند ٽڙي پيا،
خزان تي گلابن چڙهيو قرض چاڙهي.

ڪجھ ٻ ٽي يار جي حق ۾ آهيان.
چو جو مان پيار جي حق ۾ آهيان.

چار چپ، چپ ٻ هجن چو آخر،
آنءُ اظهار جي حق ۾ آهيان.

عشق اڏيو ٻ سنو لڳندو آ،
سونهن سينگار جي حق ۾ آهيان.

تون محبت ڪان وتين ٿي لڪندي،
مان تہ نروار جي حق ۾ آهيان.

سونهن کي تون نہ لڪائي رکجان،
مان تہ ديدار جي حق ۾ آهيان.

رات لهرن کي چيو ٿي سهٽيءَ،
مان تہ ميهار جي حق ۾ آهيان.

پونءِ جو ساھ سکي ويندو آ،
مان سنڌو تار جي حق ۾ آهيان.

بي غرض پيار پيو ڦهلائي،
ان ڪلاڪار جي حق ۾ آهيان.

خوبصورت ترين هو آهي.
بي تحاشا حسين هو آهي.

ذهن تسليم ٿو ڪري ان کي،
مان اياڻو ذهين هو آهي.

مان ٿو لفظن جي ڪريان اوساري،
شاعري جي زمين هو آهي.

آنءُ ادنيٰ غلام هان هن جو،
سونهن شعبي جي ڏين هو آهي.

ڪو به دل ۾ نه پير پائيندو،
جو ته دل ۾ مڪين هو آهي.

آنءُ برسات جو اڇو پاڻي،
اندلث جان رنگين هو آهي.

چنڊ اپريو ته پوءِ پڪ ايندي،
واعدن جي امين هو آهي.

هن کي ڏسندي ئي دل چيو شهمير،
آفرين آفرين هو آهي.

جهنگ جي تصوير جهڙي زندگي.
زهر جي تاثير جهڙي زندگي.

تو بنا جيئڻ لڳي مظلوم جي،
ڳل مٿان ڇڻ نير جهڙي زندگي.

هر حياتي فلسفي جو موت آ،
موت آ تفسير جهڙي زندگي.

عشق کي الفي ءِ غربت تي نصيب،
سونهن جي جاگير جهڙي زندگي.

هيءُ جيون هڪ حقيقي خواب آ،
لک پلي تعبير جهڙي زندگي.

رات ڪاري سانت ۾ گم ٿي وئي،
چونڪ تي تقرير جهڙي زندگي.

تو مٺي مرڪي ڏني اهڙي مني،
ٿي آ ماڪيءَ ڪير جهڙي زندگي.

ڏينهن آتو مليو رات آتي ملي.
منهنجي جوڀن کي ڪنهن جي نہ چاتي ملي.

زندگي آنءُ جنهن سان گذارڻ گهريم،
سا جڏهن پي ملي حادثاتي ملي.

تلخ لهجو اندر کي ڪپيندو ويو،
چپ هن کي نہ چڻ تيز ڪاتي ملي.

موت ان ڏي سدائين تڪيندو رهيو،
جنهن کي پنهنجي حصي جي حياتي ملي.

ڏوهہ دشمن تي کهڙو ڏجي ڏک ٿيو،
يار جي ڪچ مان پڻ رواتي ملي.

سپنن جو اڄ خون ڪري ويو هڪ ماڻهو.
خوشيون سڀ مدفون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

ساري دنيا مون تي ڪلندي رهندي آ،
روئڻ جو به جنون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

نار وهن ٿا پڳهر وينو سوچيان ٿو،
سيارو مون لئه جون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

ڪهڙو ڏوهه ڪيو مون آخر ڇو برباد،
منهنجو خاڪ سڪون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

معشوقن جا خادم عاشق سڀ آهن،
لاڳو هي قانون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

تعلق ٽوڙڻ بعد به ڏيندو سور رهيو،
هر پيري ممنون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

عشق جي بيماريءَ جو عاشق لاءِ علاج،
محبت ئي معجون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

شعرن منجهه پريندو سڏڪا هان شهمير،
سورن جو مضمون ڪري ويو هڪ ماڻهو.

منو محبوب آيو آ دعائون موج ۾ آهن.
پرين درشن ڪرايو آ نگاهون موج ۾ آهن.

خبر ئي ڪو نہ پئي موسم بدلجي وئي پرين پهتو،
وڻن گهنگهرو ٻڌا آهن هوائون موج ۾ آهن.

وڏي عرصي ڪان پو سهڻي الائي ڪيئن اچانڪ ئي،
سڏي سيني لڳايو آ هي ٻانهون موج ۾ آهن.

سڪا وڻ تي پيا ساوا ٽڙن ۾ ساهہ پئجي ويو،
ڪڪر برسي پيا آهن ۽ راهون موج ۾ آهن.

ٽڪو جهالا ڪجل سرخي منڊيون چوڙيون ٽيون ڳالهائن،
سچي هي دل نري پئي آ ادائون موج ۾ آهن.

آنءُ ناشاد تي ويو آهيان.
پوءِ پي شاد تي ويو آهيان.

درد آباد تي ويو آهي،
مان تہ برباد تي ويو آهيان.

پاڻ کي ياد پاڻُ پي ناهي،
يار کي ياد تي ويو آهيان.

سور هن جا سهي سهي آخر،
هاڻ فولاد تي ويو آهيان.

ڪا ضرورت ئي ڪو نہ آ تنهن کي،
جنهن ڏي امداد تي ويو آهيان.

پيار مون کي ڇڏيو ورهائي آ،
جڻ تہ جائيداد تي ويو آهيان.

وقت ئي فيصلو ڪري هاڻي،
آنءُ فرياد تي ويو آهيان.

يار جا ڪنهن تہ ڪن پريا هوندا.
پيار جا ڪنهن تہ ڪن پريا هوندا.

رات پيي ساهہ پئي ڪڏي منهنجو،
سار جا ڪنهن تہ ڪن پريا هوندا.

هڪ طرف آئٽي پئي ديوار،
بار جا ڪنهن تہ ڪن پريا هوندا.

پيءُ سان ڪالهہ ساهيئي سينو،
ٻار جا ڪنهن تہ ڪن پريا هوندا.

بي وجهہ ڪو نہ هو جهڪيو آهي،
ٿار جا ڪنهن تہ ڪن پريا هوندا.

ڪجهہ نہ ٿو ڏي وري پيو خالي!
نار جا ڪنهن تہ ڪن پريا هوندا.

جڻ تہ مالڪ کي ياد ئي ناهيون.
هاڻ هن ڪان بہ وسري ويا آهيون.

آ تنگي پئي قميص سوال جيان،
تڪُ انهي جو بہ ڪنهن کي سمجهايون.

يا خدا تون ڪٺي بڌاءِ پلاءِ
مفلسي ڪيتري اجا پايون؟

هو نہ آيو الائي چو مون ڏي،
يادگيريون سندس جون سپ آيون.

روز ٿو موت پيي اچي مارڻ،
روز ٿا موت کي پيي موٺايون.

خيال هن جي انگ تي بيهي رهيو.
ساهه منهنجو ڏنگ تي بيهي رهيو.

ڇا ته ٿي پر، هي پرين حاصل ڪبو،
ضد هڪڙي ٽنگ تي بيهي رهيو.

ٿي زماني جي خفن کان بي خبر،
هڪ مصور رنگ تي بيهي رهيو.

عشق مون کي خوب خاموشي ڏني،
چاهه تنهنجو چنگ تي بيهي رهيو.

سوچ ۾ پئجي ويو ڪڙمي ڏٺم،
صبح هڪڙي سنگ تي بيهي رهيو.

هن صدا ڏئي هن سخي کان ڇا گهريو؟
چو سخي اڄ منگ تي بيهي رهيو.

درد قابو تو ائين مرڪي ڪيو،
مال چڻ ڪو ونگ تي بيهي رهيو.

مون ڏٺو شهمير ساپيا کي ڇڏي،
خواب جي آ جهنگ تي بيهي رهيو.

سار جا پير اگهاڙا آهن.
پيار جا پير اگهاڙا آهن.

ڪا خبر ناهه تہ ڇو پنبڻين جي،
ڏار جا پير اگهاڙا آهن.

منهنجي قسمت هي ڏيوس پل پائي،
يار جا پير اگهاڙا آهن.

جيت جا پير مٽي تي ناهن،
هار جا پير اگهاڙا آهن.

ماءُ جو هنيانءُ سڙي ٿو هاٺي،
ٻار جا پير اگهاڙا آهن.

دل چوي ٿي اڄ زندگي گهورجي.
سونهن تان اڄ ڪڏي زندگي گهورجي.

پيار سان جي نهاري پياري پرين،
تن اکين ۾ ٻڏي زندگي گهورجي.

هن جي رنجش جي محشر مچڻ کان اول،
هن جي آڏو ڏڏي زندگي گهورجي.

شام جو جهولندي گنگنايئي جتي،
پينگهه ان تان لڏي زندگي گهورجي.

هو ڪهي هو نري، مان ڪسان مان نران،
هئي جو ڪاتي مڏي، زندگي گهورجي.

تون جو تبديل ٿيندو وڃي ٿو پرين.
درد قنديل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

گهاوَ منهنجا گلابن جيان ٿا ٽڙن،
سور رابيل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

تو چيو سونهن تي لک سدائين غزل،
حڪم تعميل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

وار ڪولي نہ گهم سمنڊ تي شام جو،
شام سان ويل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

نيڻ نيڻن ۾ ۽ خواب ڪوليءَ ۾ بند،
ديد ۾ جيل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

منهنجو هر لڙڪ دامن ۾ مجرم جيان،
اڄ بہ تحويل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

مختصر زندگي ۽ وڇوڙو ڏکيو،
ساهہ تڪميل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

منهنجي جيون ۾، شعرن ۾ سچ ٿو چوان،
درد تحليل ٿيندو وڃي ٿو پرين.

توکي دوکا ڦري ويا آهن.
مون کي صدما وري ويا آهن.

ٻک ڪدين ئي نہ ٿا سنيارن مانءِ
خيال ڪيڏا ڪري ويا آهن.

ننڊ بيمار ٿي پئي آهيءِ
خواب سارا مري ويا آهن.

عشق منهنجو دکي متو آهيءِ
نپ تنهنجا نري ويا آهن.

درد چوري پيو حياتيءَ کيءِ
سک تہ سارا ٻري ويا آهن.

اڄ بہ لهجو ڏسي تتو تنهنجوءِ
لفظ منهنجا ڳري ويا آهن.

ڪجھ جھڙالن جي زندگي آهي.
ڪجھ اجالن جي زندگي آهي.

تون سپاٽي مئل جواب ڏيجان،
اڄ سوالن جي زندگي آهي.

موت جي منهن وجي پيا آهن،
هي جيالن جي زندگي آهي.

چو ڏسان خواب خشڪ ساليءَ جا،
نيڻ آلن جي زندگي آهي.

ڪجھ ڏهاڙن جي واقفيت تنهنجي،
منهنجي سالن جي زندگي آهي.

سونهن تنهنجي سدا رهي قائم،
تنهنجي والن جي زندگي آهي.

موت جهڙو، زندگيءَ ۾ ڳجهه هئو.
رات جهڙو، روشنيءَ ۾ ڳجهه هئو.

ڇا وني اٿيا نہ سڌ ڪائي پئي،
عابدن جي بندگيءَ ۾ ڳجهه هئو.

ڪا خبر ناهي تہ ڇا ڳولهن پيا،
ڇڻ تہ منهنجي شاعريءَ ۾ ڳجهه هئو.

جرڪندڙ تارا ۽ روشن چنڊ مليو،
دشمنن جي دوستيءَ ۾ ڳجهه هئو.

هو بناوٽ جي دنيا ۾ بتُ هئو،
خوب هن جي سادگيءَ ۾ ڳجهه هئو.

اوهان جو پيار موکي آ متارا نيڻ هن منهنجا.
پيارا اڄ تہ اوتي ڏي اجارا نيڻ هن منهنجا.

نماڻو عرض آ پنهنجو ڏسين جي پيار سان ڏسجان،
مٺي چاهت چڪي ڏيجان ڪسارا نيڻ هن منهنجا.

اسان مرڻا اڃا ناهيون زهر پل تون پياري ڏس،
اوهان کي پيي جلا ڏيندا جيارا نيڻ هن منهنجا.

ڏکيو هو پنڌ واريءَ جو هئا هڪ هاڙهہ جا ڏينهڙا،
گهڻيري ڇانوَ ڏي سهڻي ٿڪارا نيڻ هن منهنجا.

ڏکيون راتيون وڇوڙي جون مسلسل جاڳ ماريو آ،
وڏي آرام جا طالب، ڏڪارا نيڻ هن منهنجا.

سکن جو سج تون آهين حياتي رات ڪاري آ،
سموري روشني تون آن، انڌارا نيڻ هن منهنجا.

سڪندر سونهن جو تون آن تہ مون کي عشق ارپي آ،
اڃي لڙکن جي دولت ڏس هي دارا نيڻ هن منهنجا.

فقط هڪڙي وصيعت تي اڃي آخر ۾ هٿ رکجان،
اوهان جو خواب سانديائون پيارا نيڻ هن منهنجا.

تون ڇا ڄاڻين يار غريبيءَ جي معنيٰ.
تنھنجي لئہ بيڪار غريبيءَ جي معنيٰ.

ھاءِ اسان جا حاڪم جيڪر ڄاڻن ھا،
ڪيڏي آ لاچار غريبيءَ جي معنيٰ.

جيجل ڪجھ ٻڌائي سگھندي پڇ ان کان،
پيٽ ٻڪايل ٻار غريبيءَ جي معنيٰ.

ھن پوڙھي جو حال ٻڌائيندا آھن،
عيد تي اٽيا وار غريبيءَ جي معنيٰ.

گھرائي سان سوچ تہ ڄاڻين گھرائي،
ڪربل جا ڪردار غريبيءَ جي معنيٰ.

ڪنوٽيون، ڪڙڪا، جھرنڊڙ جھوپو جيون جو،
لڙڪن جو وسڪار غريبيءَ جي معنيٰ.

اڪثر ڏرتي روئي مون کي چوندي آ،
جوڏن جا سر ڏار غريبيءَ جي معنيٰ.

اندازو ٿي ويندو توکي پيي شھمير،
پاڻ ڪڍي ڏس پار غريبيءَ جي معنيٰ.

ڪوڙ مڪڙيون ٽڙيون موج ۾ گل مٽا.
مرڪ تنهنجي ڏسي خيال مينديءَ رتا.

ذهن جي ڳوٺ ۾ سونهن گهيرو ڪيو،
عشق جي شهر ۾ پير منهنجا ڪٽا.

تون ملين ٿي مٺي سپ نري ٿا وڃن،
سور سپ بي رحم پور سيئي تتا.

ننڊ بي چين ۽ خواب ٽڙپن پيا،
تنهنجي هڪڙي جهلڪ لاءِ آسائتا.

سونهن تنهنجي ڏسي مون جي جوڙيا هئا،
شعر سيئي ٻٽيا منهنجا ڪارائتا.

پيار جي آڙ ۾ وقت ونندو ويو،
زندگي ٿي پري موت آڏو پتا.

اڄ خوشين جي دنيا جو شهنشاهه مان،
درد جي ديس مان آنءُ هان لاپتا.

پل لڳئي مچ چئي رهيو آهي.
آئينو سچ چئي رهيو آهي.

چنڊ توڙي جو ڪجھ چوي بہ نہ ٿو،
پوءِ بہ جڻ ڳچ چئي رهيو آهي.

هجر دڙڪا ڏئي ٿو سمجھائي،
عشق ڪان بچ چئي رهيو آهي.

وقت مون سان پيو ٿو ڳالهائي،
رنگ ۾ رچ چئي رهيو آهي.

اڄ بہ تنهنجا ڪَنا ڪچا آهن،
ڪجھ اجا پچ چئي رهيو آهي.

جڳ انا جي پهاڙ تي بيهي،
خيال سان نچ چئي رهيو آهي.

ظلم تاريخ سان ٿيو آهي،
اڄ بہ چچ چئي رهيو آهي.

صبح جو روز ٻڏجي ايلازي،
شام جو اچ چئي رهيو آهي.

تنهنجي ساهه کي ٿوري کا چڪ ٿي تہ پلو.
توکي پيي شل منهنجي ڪجهہ سڪ ٿي تہ پلو.

توسان گڏجي گهارڻ لئہ جيئڻ سوچيان ٿو،
ساڳي تنهنجي سوچ اگر هڪ ٿي تہ پلو.

منهنجي موت تي تنهنجو پڇڻ لازم آ،
سوڳ جي موسم هوندي رونق ٿي تہ پلو.

مان تہ مران ٿو تنهنجي محبت ماڻڻ لاءِ،
تنهنجو پيي آ پيار اها پڪ ٿي تہ پلو.

سوچي سمجهي پيار ڪبو ئي ڪونهي ڪو،
محبت جو اظهار اچانڪ ٿي تہ پلو.

آنءُ دعا جا هٿ کڻان آمين تون چئہ،
موت وڇوڙي جو کو پيانڪ ٿي تہ پلو.

محبوب سان پيار جي مون حد ڪري ڇڏي.
آزار سان قرار جي مون حد ڪري ڇڏي.

هوڏانھن هيءَ جاڙ تي هوءَ ڪو نہ تي اچي،
هيڏانھن ڏگ نھار جي مون حد ڪري ڇڏي.

آيون ضرور وقت جي ڏندن ۾ آڱريون،
اهڙي تہ انتظار جي مون حد ڪري ڇڏي.

چئبو تہ ڪو نہ پر پلي عدت ئي چئہ ڪٽي،
اڄ نيٺ ائين يار جي مون حد ڪري ڇڏي.

جنھن جي خبر هئي وفا هر گز نہ هوءَ ڪندي،
ان تي ئي اعتبار جي مون حد ڪري ڇڏي.

حاوي نہ تي وجي صفا هي درد مون مٿان،
مرڪي تڏهن بھار جي مون حد ڪري ڇڏي.

ابتو الائي ڪيئن هي چرخو ڦري ويو،
هن خود چيو ديوار جي مون حد ڪري ڇڏي.

هي موت مون مٿان اچي پھتو ئي اوچتو،
تنھا سڄي ڄمار جي مون حد ڪري ڇڏي.

زندگيءَ جو سفر اهو ئي ٿي.
مختصر قبر، گهر اهو ئي ٿي.

ساهه جي تار ڪا ڏکهي ڪانهي،
ڪجهه نہ ڪجهه ڪر پهر اهو ئي ٿي.

جو ويو آ ٻڏي ويو آهي،
غور سان ڏس تون جر اهو ئي ٿي.

ٿورڙا گل، بنيءَ تي خاموشي،
سڀ نظم ۽ نثر، اهو ئي ٿي.

مختصر يا طويل سمجهين تون،
مشڪلاتن جو ٿر اهو ئي ٿي.

دل لڳي گل ڪڏي رهي آهي.
زندگي گل ڪڏي رهي آهي.

هوءَ مون سان ڪري پئي نخرا،
عاشقي گل ڪڏي رهي آهي.

مونکي خوشبوءِ داد بخشي ٿي،
شاعري گل ڪڏي رهي آهي.

رات جي جسم تي اسر ويلي،
روشني گل ڪڏي رهي آهي.

تنهنجي ويڇوڙائي ٿي رهي آهي،
بندگي گل ڪڏي رهي آهي.

هاڻ نظرون ڪندن جيان ٿيون چڀن،
دوستي گل ڪڏي رهي آهي.

تنهنجو لهجو تکو ٻڌائي ٿو،
بي رخي گل ڪڏي رهي آهي.

درد پاڙون پڪيون ڪيون مون ۾،
ڪٿ خوشي گل ڪڏي رهي آهي.

سهڻي جي شهر کي مان بس سنڌ ئي ٿو سمجهان.
رب پاڪ جي امبر کي مان سنڌ ئي ٿو سمجهان.

هڪ شخص مون سان اڪثر ڪٿ پٽ پيو ڪري ٿو،
ان لاءِ هاڻ گهر کي مان سنڌ ئي ٿو سمجهان.

مون کي سماج ڇا لئہ ويرين جيان ڏسي ٿو،
جي پيار جي نظر کي مان سنڌ ئي ٿو سمجهان.

اونداهہ جي ڳلن تان ڳوڙها اگهي سدائين،
هر رات جي سحر کي مان سنڌ ئي ٿو سمجهان.

منهنجي اڱڻ تي خوشبوءِ جهمريون هڻي رهي آ،
محبوب جي نظر کي مان سنڌ ئي ٿو سمجهان.

پرين جو ديس هو منهنجي بدن ۾ ساهه نہ هو.
خدا گواهہ تہ ڪوئي بہ خير خواهہ نہ هو.

نماڻي آس ڪٽي مون ڪرڻ گهريو درشن،
مگر حالات جو مون سان ذرو بہ ٿاهہ نہ هو.

سڪون روح کي ناهي نہ ننڊ اکين کي،
ائين تہ حال ڪڏهن عشق اڳ تباهہ نہ هو.

سموري ميڙ ۾ چوندي پيار هو منهنجو،
۽ هن جو پيار منهنجي سان ذرو بہ چاهہ نہ هو.

مرڻ جو ڪو نہ هو الڪو سچي بڌايان ٿو،
خيال يار جو ٿئي پيو، سندس گناهہ نہ هو.

الائي ڇو هي زمانو نہ سمجهہ ۾ آيو،
عجيب دور هئو، سمنڊ هو، ڪو واهہ نہ هو.

پڇو پيا تہ هئو ڇا؟ پرين پرين ٿو ڪرين،
سڄو جهان هو منهنجو فقط الله نہ هو.

مرڻ کان پوءِ بہ پنهنجا عزيز پورن ٿا،
اهو ئي ڏک هو سين جو تہ ڪو نباهہ نہ هو.

غزل جو ڪنڌ مٿي آهي.
ڪنول جو ڪنڌ مٿي آهي.

مون توکي دل ۾ ويهاريو،
تہ دل جو ڪنڌ مٿي آهي.

پئي آخر ۾ سڌ سڀ کي،
اول جو ڪنڌ مٿي آهي.

ڪنڊن ۾ قرب ڪونهي ڪو،
ءَ گل جو ڪنڌ مٿي آهي.

مليو محبوب آ مس مس،
مهل جو ڪنڌ مٿي آهي.

محبت لاءِ جڙيو آ،
محل جو ڪنڌ مٿي آهي.

اوهان جون خماريل ڏنيون هن اکيون.
نظر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

ذهن مان اتي سوچ تورو هلي،
اندر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

خدارا ڪو زلفن ڪي قابو ڪيو،
سحر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

ڪري ياد سهڻيءَ ڪي درياهه جي،
لهر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

خدا مينهن وسائي غضب آ، ڪنوڻ،
قهر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

ڪي مرڪن تا ڇهرا، جي ڪڪري اچي،
ڪا، تر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

پني تي سفر پين پئي تي ڪري،
ءِ گهر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

سجي رات اوندهه ڪري موج تي،
اسر تيز ڪائي ڪري تي پوي.

جيئن ئي تنهنجي دوستي بيهي رهي.
تيئن ئي منهنجي زندگي بيهي رهي.

عشق کي هر حال ۾ راضي رکيو،
حسن جي ناراضگي بيهي رهي.

مون سفر اوندهہ ۾ پڻ جاري رکيو،
پت چو بڻجي روشني بيهي رهي.

هر قدم تي ڏوهہ مون سان گڏ رهيا،
ڪوڙ پيرا بندگي بيهي رهي.

وار ڪوليا تو تہ اوندهہ ٿي وئي،
صبح جو ئي روشني بيهي رهي.

دوستن جا بي سبب حملا ڏسي،
دشمنن جي دشمني بيهي رهي.

هڪ هرڻ ٻر ۾ چرڻ لئهِ منتظر.
هر شڪاري پر هرڻ لئهِ منتظر.

مان ورهايان پيار ٿو جڳ ۾ مگر،
هنيانءَ تي جڳ مگ ڏرڻ لئهِ منتظر.

دل ڪسڻ لئهِ تنهنجو مرڪڻ ائين جڻ،
واٽ تي ڦورو، ڦرڻ لئهِ منتظر.

چپ تنهنجا سوچ ۾ هوندا ضرور،
چپ منهنجا ڪجهه گهرڻ لئهِ منتظر.

تون ملين منهنجي بدن جي عيد تي،
نہ تہ هئس مفلس مرڻ لئهِ منتظر.

مهرباني ڪر ۽ ڇڏ ناراضگيون،
ڦٽ سوين آهن ڪرڻ لئهِ منتظر.

مان مران ٿو تو تي، مرندس ڪو نہ مان،
ان ڪري آهيان مرڻ لئهِ منتظر.

ائين وڏيرو ڳوٺ جي امداد لئهِ،
ڳوهہ جڻ ڪا سپ ڳهڻ لئهِ منتظر.

اوهان کي روز کهڻ جي جهڙپ ملي آهي.
اسان کي روز کسڻ جي تڙپ ملي آهي.

ستم هزار کيو تا ته يي کچون ئي نه ٿا،
وڏي کا سور سهڻ جي سهپ ملي آهي.

اجا پيار کرڻ لاءِ رب خرارَ کپن،
حياتي پيار کرڻ لاءِ لپ ملي آهي.

مخالفن جي مغز ۾ نهڻ جا جذبا ها،
هئا قريب جي تن کان ئي گپ ملي آهي.

پرين کلي تون مليو آن، سچي ٻڌايان ٿو.
الائي کنهن جي سڙي دل ٿي، ڏپ ملي آهي.

نظر ته چنڊ ٻه آيو نه ڏينهن جو ليکن،
ٿيو جو عشق، ستارن ـ ڳٽپ ملي آهي.

الائي کيئن محبت سندو مليو موتي،
سموند سونهن وٿان عشق سپ ملي آهي.

خدا گواهه آ شهمير اڄ مان خوش آهيان،
خوشي ڳلي سان کري مس کو هپ ملي آهي.

مون اکين تي رکي چمي مٿي.
مون ڏانهن محبوب موڪلي مٽي.

منهنجي ميراث سڀ مٽي آهي،
مون کي ورثي ۾ جو ملي مٽي.

بعد عرصي ڳلي ملي خوش ٿي،
رات برسات سان کلي مٽي.

پنهنجي پوشاڪ هو ڪري وينا،
ڪيئي اولياءَ ۽ ولي مٽي.

تو بہ لهجو ڇڏيو مٽائي آ،
آ هوا سان تڏهن گهلي مٽي.

مان مٽيءَ سان ملي رهيو آهيان،
منهنجي مٽڙان وجهو پلي مٽي.

آدمي آهي اسان جي پيار ۾.
لازمي آهي اسان جي پيار ۾.

اک ٿمي آهي اسان جي پيار ۾.
ڪا ڪمي آهي اسان جي پيار ۾.

عشق جي بعيت مهل شامل ٿيل،
هڪ چمي آهي اسان جي پيار ۾.

نينهن ناهي راند ليڪن پوءِ پڻ،
ڪا رمي آهي اسان جي پيار ۾.

اڄ ٻه حيرت تي ٿئي جو هر خوشي،
شبنمي آهي اسان جي پيار ۾.

جاڻ ناهي ڇا سبب آ شام اڄ،
ماتمي آهي اسان جي پيار ۾.

هر قدم پيارا سنڀالي ڪڻ سماج،
آرمي آهي اسان جي پيار ۾.

او پرين پڪ جاڻ تون پاڪيزگي،
عالمي آهي اسان جي پيار ۾.

جو ٻه آهي ثمر انهن جو آ.
ڇا ٻه آهي مگر انهن جو آ.

پيار ئي پيار مون ڏنو ليڪن،
پيار مليو نه پر انهن جو آ.

تو ٻه زلفن کي کو نه سلجهايو،
پنهنجي قسمت ۾ ور انهن جو آ.

هر دفعي ڏک ڇٽيا دنيا وارن،
هنيانءَ تي اڄ ٻه هر انهن جو آ.

مئڪدن کي مبارڪون لک لک،
مسجدن ۾ ذڪر انهن جو آ.

مان مزي ۾ مري رهيو آهيان،
درد، فرحت، شڪر انهن جو آ.

سونهن وارن تي رب ڪري رحمت،
مون کي هر پل فڪر انهن جو آ.

هڪ ئي درُ پنجتن جو وٺ شهمير،
دين دنيا ۾ در انهن جو آ.

پرين تون ساڻ هوندو آن وڇوڙو ڦوڳ لڳندو آ.
حقيقت ۾ حياتي کي سنجيده ڀوڳ لڳندو آ.

پکين وانگي اچن اڏري ڏهاڙي رات جو سپنا،
صبح جو لڙڪ اکين جا سندن کي چوڳ لڳندو آ.

نماڻو چاهه منهنجو عشق جو مسڪين هاري آ،
رويو سونهن جو مون کي وڏيرو ٺوڳ لڳندو آ.

ڏسان ٿو جسم کي پيي نئون الستي رنگ رنگيل آ،
مڃان ٿو روح کي پيي صوفين جو جوڳ لڳندو آ.

هوا هر وقت شاهد آ خزان ۾ خوش گذاريو آ،
گلن جي مند ماري ٿي، سندس انوڳ لڳندو آ.

غريبي ۽ اميري ۾ فلڪ جيڏو فرق آهي،
هي جيون طوق ٻڌجي تلخ ڄڻ ڪو روڳ لڳندو آ.

دنيا کي دنگ سمجهوسي، دنيا داري نہ سمجهي سي،
اسان جو خيال هر انسان کي ڄڻ اوڳ لڳندو آ.

پشم لهجو ڪري منڻا پڪارين نانءُ ٿو شهمير،
الائي ڪيترن ماڻهن جي منهن تي سوڳ لڳندو آ.

صبح جو ئي ڪنڌيءَ تي اڄ مهاڻي درد ڳوهي ٿي.
ڪٽي ڄاريون ڪي خوابن جون سياڻي درد ڳوهي ٿي.

گهري ٿي دل دعا هردم نہ ڪنهن کي ورُ ملي پوڙهو،
سموري عمر ويني نہ تہ نياڻي درد ڳوهي ٿي.

اڃي ٿو ياد ننڍپڻ ۾ انگل روئي مڃائڻ پر،
جواني ۾ ڪٿي مرڪيو پڇاڻي درد ڳوهي ٿي.

سڄي دنيا حقيقت ۾، حياتي کيل آ هڪڙو،
پڇن ڪردار ٿا ڪيئي ڪهاڻي درد ڳوهي ٿي.

اڃا هي سور تازو آ اڃا ڪتبا نوان آهن،
اڃا تائين لڳي ٿو پر مياڻي درد ڳوهي ٿي.

ذهن ۾ هر گهڙي منهنجي دکن ٿا ياد جا تاندا،
نہ ڏاهي ٿي اڃا پيي دل اياڻي درد ڳوهي ٿي.

ڏهاڙي رات جو ڦٽڪي لکي آ شاعري شهمير،
اسان جي گيت وائي جي وراڻي درد ڳوهي ٿي.

هن ڳوٺ جي هڪ ناري، دل منجهه لهي وئي آ.
احساس جي تارن کي نظرن سان ڇهي وئي آ.

هن ڪجهه به چيو ناهي سمجهي ته ويو آهيان،
جا ڳالهه حياء ڪائي ڳيتن ۾ ڳهي وئي آ.

هڪ راز ٻڌايان ٿو هٿڙو به ملايو هو،
ڪجهه زور ڏئي وئي آ ڪجهه زور سهي وئي آ.

ڪلهه شام جو ڪڻ ڪڻ ۾ پرپور ڪچهري ٿي،
قدرت به اسان وارو پاسو هي وهي وئي آ.

اڄ رات وري مون سان خوابن ۾ ملڻ آئي،
قسمت تي فخر آهي ڪجهه دير رهي وئي آ.

دنيا ۾ رهي پيي مان دنيا ۾ رهيو ناهيان،
مئلن ۾ نه جيئرن ۾ اهڙو ته ڪهي وئي آ.

مهراڻ جي سيني تي لهرن ۾ لڏيو آهيان
ميهار هئس، سهڻي پاڻيءَ ۾ وهي وئي آ.

خوشين جو ميڙ آ مون وٽ، تماشو درد جو ڏسجو.
تماشي ۾ مري ويندو، پو لاشو درد جو ڏسجو.

ملڻ محبوب آيو عيد تي آ پاڻ اڄ مون سان،
پٽيندا سور اڄ سيئي جنازو درد جو ڏسجو.

ٻڏو هوندوَ، اکين سان ڪونہ پر ڪڏهن ڏٺو هوندوَ،
مڪمل شاعري منهنجي تي پاڇو درد جو ڏسجو.

حياتي ۾ خدا چاهي لکيو هي پوءِ پڙهندا سي،
لحاظا غور سان پهريان هي حاشو درد جو ڏسجو.

حقيقت ۾ اگر ڏسجي دنيا هي راند آ بلڪل،
اکيون ڪليل يڪي تائين ۽ باشو درد جو ڏسجو.

وڇوڙو پيي وڏيرو آ نہ ڏيندو خوش رهڻ شهمير،
سکن جي ڊنڊي تي قبضو بہ خاشو درد جو ڏسجو.

محبت مينهن وانگر آ، پسائي پيي ۽ ٻوڙي پيي.
تڏهن پيي هر ڪو خوش آ، ننڊ ڦٽائي پيي ۽ لوڙي پيي.

اندر صحرا جيان آهي اجو منهنجو حقيقت ۾،
خدايا شل هوا ڪائي اچي ڪڪري نپوڙي پيي.

مان پورو وس هلائيندس، وڃڻ روئي ٻہ روڪيندس،
وڃهي ڳارو، رکي سر پيرڙن تي هٿ هي جوڙي پيي.

الئہ چو هجر وينو ٿو نماڻي هنيانءَ ۾ هرهر،
ڪلا ڪي درد جا زوريءَ ڪوڙي پيي اکوڙي پيي.

جدائي جي جزيري تي پيو ٿو درد سان جاليان،
پيئي ٿو خون منهنجو هو، هڏن تان ماس روڙي پيي.

وري ڳڏجي ڳذارڻ جي منٿا ڪر مهرباني ڪا،
ظلم جي انتها ڪئي آ، پرين تنهنجي وڇوڙي پيي!

بيمار گل ڏسان ٿو خوشبوءِ مري رهي آ.
چو موت تنهنجي ٿر تي ڪاوڙ وري رهي آ.

ڇا ڪير ڏي ٻچي کي هڏڙن جي مٺ ڀري آ.
تڙپڻ جي سگهه ٻه ناهي ممتا ٺري رهي آ.

اڄ بي وسيءَ کي اوڍي پنهنجي ننگي بدن تي،
هڪ مرڪ سرد آهون ڪيڏيون ڀري رهي آ.

افسوس ٿي رهيو آ، ڦولار مند ۾ سهڪي،
ڪمزور ول پٿن تي پل پل ڳري رهي آ.

ڌرتي اجاري ڳڙندڙ ڳوڙها ڳيهي چوي ٿي،
منهنجي اندر ۾ هڪڙي آوي ٻري رهي آ.

باطني سوچ ۾ ظاهري سوچ ۾.
پند پهڻ ٿيو وجان سانوري سوچ ۾.

مان جيئان ٿو مگر مون کي ماري ڇڏيئي،
اوچتو اوچتو سانوري سوچ ۾.

مون اکين سان وتي تنهنجي ڳل تان چمي،
نرڙ تنهنجي جي چو آ جهري سوچ ۾.

ننڊ ويندي مري خواب ٿيندا قتل،
جي وڇوڙي وڏي کا ڇري سوچ ۾.

نفرتن کي مان ٿاندا ڏئي هن ڇڏيا،
پيار مرڪي ڏني خاطري سوچ ۾.

سونهن تنهنجي جڏهن پيي ڏسان ٿو پرين،
مون کان بڻجي وجي شاعري سوچ ۾.

تون تہ ڪڪري قرب جي ڪرين ئي نہ ٿي،
آس تڙپي پئي هر ٿري سوچ ۾.

شام اکين جي ڪنڌين تي موسمون گجنديون رهيون.
بي رخين جي بارشن ۾ محبتون پچنديون رهيون.

هڪ ئي حسرت ڳل چمڻ جي سا بہ پوري ڪو نہ ٿي،
زندگيءَ جي سر زمين تي خواهشون ڦٿنديون رهيون.

ساھ لهرن جيءُ منهنجو هر گهڙيءَ ٿي ٻوڙيو،
سپ اميدون خالي ٻيڙيون بي وزن ترنديون رهيون.

تون پڳو آن، اڄ اميدن جو اندر پيو آ نري،
روح جي رمزن کي ڇيڙي راڳڻيون ٻُرنديون رهيون.

زندگيءَ جي هر قدم تي منهنجي بربادي ڏسي،
چوڙيون تنهنجي هٿن جون گيت ڳائينديون رهيون.

تنهنجي زلفن کي ڇهڻ سان آڱرين جو ٿڪ لٿو،
رات ساري ڊائري تي شاعري لکنديون رهيون.

نرتڪيءَ کي ناچ تي جيئن ناز هوندو آ ائين،
سادگيءَ تي تنهنجون چالاڪيون پرين ڪلنديون رهيون.

بي قدر ماڻهو سموري سگهہ وڃائيندا رهيا،
سپ سرون موهن دڙي جون درد ۾ جهرنديون رهيون.

پرين درشن ڪرائي وڃ اکين ۾ ساھہ ڪونهي ڪو.
نرم هٿڙا چمائي وڃ چپن ۾ ساھہ ڪونهي ڪو.

مليس تو سان حقيقت ۾ تہ مون کي عشق ڏوتو آ،
وڇوڙي پر نپوڙيو آ بدن ۾ ساھہ ڪونهي ڪو.

خدا شاھد نہ ٿو سوچيان دنيا جون يار مان ڳالھيون،
رڳو سوچون پرين تنهنجون ذهن ۾ ساھہ ڪونهي ڪو.

مليو ناهين تون عرصي کان اڇي وهمن وڪوڙيو آ،
لڳي ٿو موت ٿي ويندو جو من ۾ ساھہ ڪونهي ڪو.

گهري ٿي دل محبت جون ڪيان ڳالھيون فقط شھمير،
نمبر تنهنجو ملايان پر هٿن ۾ ساھہ ڪونهي ڪو.

او پرين! ايتري نہ ڪر دوري.
زندگي مختصر صفا ٿوري.

ڏينهن سارو گذاريم روئي،
رات هڪ خواب مليو مزدوري.

مان فقط پيار ٿو گهران توکان،
چاڙهہ احساس کي نہ تون سوري.

مون ڪتابن ۾ ڪجهہ لکي ليڪن،
ڳالهہ منهنجي ٻڌي نہ ڪنهن پوري.

دربدر خواب ٿي ويا آهن،
ڪير سمجهي اکين جي مجبوري.

عشق جي ايتري آ بدنامي،
حسن جي جيتري آ مشهوري.

روز اجرو صبح ٿئي پنهنجو،
ڳل چمڻ جي ملي جي منظوري.

آءُ گڏجي دعا گهرون منٿڙي،
شل وڇوڙي کي ڪا لڳي جهوري.

گهڻو ئي وقت وڃايو سڪون ڳوليندي.
ڪٿي سڪون نہ آيو سڪون ڳوليندي.

ٿيا سي رڻ جا مسافر شهر جو شور ڇڏي،
اڃايو پاڻ رلايو سڪون ڳوليندي.

ويا سي پار ڏنو سي اتان جي ماڻهن کي،
اڃا هتان ڪان سوايو سڪون ڳوليندي.

نہ ڪنهن جا خواب ڏٺا سي سفر جي چنتا ۾،
آرام پنهنجو ڦٽايو سڪون ڳوليندي.

حياتي گذري وئي ۽ گناهہ ٿيندا ويا،
ثواب هڪ نہ ڪمايو سڪون ڳوليندي.

ڦلڙيون ڦلڙيون ورد سدائين اجرڪ جهڙي سوچ.
پيري چهرو زرد سدائين اجرڪ جهڙي سوچ.

تنهنجي آهي سوچ تہ توکي پوءِ ڪندو تباھہ،
مونکي ڏي تو درد سدائين اجرڪ جهڙي سوچ.

هاڻُ وڇائي وينو آهي، ايندي ويندي لاءِ،
رلهيءَ جهڙو فرد سدائين اجرڪ جهڙي سوچ.

دنگ ۽ ننگ تي سر گهورڻ لئہ آتو هردم آھہ،
سنڌ جو سورهہ مرد سدائين اجرڪ جهڙي سوچ.

محنت، محبت چاهي، ناهي موسم جو محتاج،
گرم هجي يا سرد سدائين اجرڪ جهڙي سوچ.

درسنيءَ پيي نہ سجاتو مون کي.
عشق درياهہ جو پاتو مون کي.

تون نہ آهين تہ لڳي ٿو گهر جو،
اوپرو يار احاطو مون کي.

يار جو نانءُ خدا مان لکندس،
ڏي گهڙيءَ لاءِ جي کاتو مون کي.

چو پلا چپ ئي نري ويا تنهنجا،
هڪڙي فنڪار جي ڳاتو مون کي.

منهنجا احساس وڻن تا توکي،
پيار هي رنگ آ لاتو مون کي.

پيار جي لاءِ مران ٿو پيارا،
تو اجا پوءِ بہ نہ ڄاتو مون کي.

نانءُ تاريخ ۾ لکيو ويندو،
گهاٽي پيڙهيو آ لاڳيتو مون کي.

حسن چرچو ڪري ويو آهي.
عشق رونشو ڪري ويو آهي.

معتبر درد ٿي ويو آهي،
دل تي قبضو ڪري ويو آهي.

مان محبت ڪنيون هئس بيٺو،
پيار پردو ڪري ويو آهي.

موت ڪي حال تي رحم آيو،
ائين صدمو ڪري ويو آهي.

مون تي تارا ڪلي رهيا آهن،
اونداهو شو ڪري ويو آهي.

مون تي ماڻهن کي ٿئي ٿو تعجب،
زنده لاشو ڪري ويو آهي.

تلخ ماضيءَ جي تصوير مان پؤ تو ٿئي.
ياد جي هن وڏي وير مان پؤ تو ٿئي.

مون کي توسان ملڻ کو نہ ڏيندي مني،
مون کي پنهنجي ئي تقدير مان پؤ تو ٿئي.

عشق جي جنگ ۾ پيار غازي بڻيو،
سازشن واري شمشير مان پؤ تو ٿئي.

مون کي شربت ۾ يارن پياريو زهر،
ان کري اڄ مني کير مان پؤ تو ٿئي.

ڪارا بادل ءِ گجگوڙ اڀ تي ڏسي،
اڄ تہ گهر جي بہ ڇهتير مان پؤ تو ٿئي.

جيئن غصي ۾ اچي نانگ ڪائي ٻچا،
اڄ مريدن کي ائين پير مان پؤ تو ٿئي.

تون نہ آهين پرين هنيانءُ ساڙي پئي،
هاڻ گهلنڊڙ ٿڌي هير مان پؤ تو ٿئي.

مان محبت جون ڳالهيون ڪندو تو وتان،
هو چوي ٿي تہ شهمير مان پؤ تو ٿئي.

تو جو وڇڙي الڳ ورتيون راهون.
يار برباد ٿي ويس آئون.

تو خوشيءَ سان وڃي ڪئي شادي،
درد سان مون ٻہ هن لڏيون لائون.

تيز اس ڪان گرم لڳن پاچا،
عمر ساري مليون نہ ڪٿ ڇائون.

هاءِ قسمت جي بدنصيبي آ،
پيار منهنجي ڪي ڪو نہ سمجهائون.

اڄ ٻہ احساس ڦٽجي پيا آهن،
چوٽ تي چوٽ ٿا نئي کائون.

موت ويجهو وڃي پڳو آهيان،
مون ڪان طبيعت ٻہ ڪو نہ پڇيائون.

رُس نہ مون ڪان خيال ۾ هاڻي،
ميڙ توکي ڏيان ٿو ڪوتائون.

منهنجي ٻه حياتي هي اڌ رات جيان آهي.
ڪو شور ئي ڪونهي ڪو سپ سانت جيان آهي.

هڪ ڏينهن پيو مينهن هو هڪ رات رهي پئي هئي،
بس رات اها ئي بابرڪات جيان آهي.

مان اڄ ٻه طبيعت ۾ ڳوناٽو اياٽو هان،
هر سوچ پرينءَ جي پر سقراط جيان آهي.

هن مون ڪان پڇيو تنهنجو ڪيئن وقت پيو گذري،
مون ڪيس چيو ظالم سڪرات جيان آهي.

هڪ ظلم جيان هن جو مون ساڻ رويو آ،
هت حال سڄي سنڌ جي حالات جيان آهي.

هر روز پئي لوڙهي هر ياد پرين تنهنجي،
طوفان مٿيءَ جو ۽ برسات جيان آهي.

آنءُ اڪيلو سمنڊ ڪناري لشڪر يادن جو.
هرهر ٻوڙي ماري تاري لشڪر يادن جو.

وسري ويندس هڪ پل ۾ سڀ تاريخي ڪاھون،
ڪير ڏسي جي سنجها ڏاري لشڪر يادن جو.

چنڊ ستارن جي چِت هينيان پوھ سياري ۾،
آليءَ ڪانيءَ وانگي ٻاري لشڪر يادن جو.

تنھنجو ناهي ساٿ تڏهن ٿو صدما ساڻ ڪري،
آنجهي مانجهي پيو للڪاري لشڪر يادن جو.

صبح سويري هوءَ اٿاري چانھ تہ ڏي ٿي پر،
هن ڪان پهريان هاڻ اٿاري لشڪر يادن جو.

جيون جي هر موڙ تي ڪيڏو بيوس هان شھمير،
ٻوڙائي ٻوڙائي ماري لشڪر يادن جو.

ڳوٺ جي گهر کي ڪپايو آهي.
جڻ ته امبر کي ڪپايو آهي.

منُ ٻاٻيهو اجو ئي مرندو،
چو ته ساگر کي ڪپايو آهي.

يادگيرين جو متل آ پٽڪو،
مون سمندر کي ڪپايو آهي.

بند نيڻن جا پڃي پيا آهن،
ديد جي جر کي ڪپايو آهي.

زهر اوتن ٿا پيا پاڻيءَ ۾،
ڪنهن ته منچر کي ڪپايو آهي.

ڏوهه ڪنهن جو آ زمانا ڏس تون،
ماءُ چوڪر کي ڪپايو آهي.

مور ڪيئي ٿا مرم منجهه مرن،
ڪنهن مني ٿر کي ڪپايو آهي.

آنءُ خالي هان رهيو ڪجهه ڪونهي
پنهنجي اندر کي ڪپايو آهي.

حقيقت ۾، پراون ڪان گھٽو پنھنجن ڏڪايو آ.
اسان جن ڪي سڄڻ سمجھو انھن سڄڻن ڏڪايو آ.

وسايا ڪو نہ تو ڪنھن دم پيارا پيار جا بادل،
اجايل دل جي ڌرتيءَ ڪي تڏھن ڪڪرن ڏڪايو آ.

بھارن ۾ ھئي ھي دل دنيا جون پر خزان رسمون،
اجاڙي دل جي دنيا ڪي ويون رسمن ڏڪايو آ.

حياتي چار ڏينھن آھي بہ گذريا ھن بہ گذرن تا،
گذاريم جي سوا تنھنجي انھن پھرن ڏڪايو آ.

سوايا سور ڏئي وئي آ اڪين ڪي ساپيا سھڻا،
وري ساپيا ڪان نيٽن ڪي گھٽو سپنن ڏڪايو آ.

ھنيا پئي لوڪ ڳالھين جا پٿر پر اف نہ ڪئي ڪنھن سان،
فقط تنھنجي ڪري شھمير ڪي سپنن ڏڪايو آ.

مون چيو خواهشون شهيد نه ڪر.
تو چيو مون ۾ ڪا اميد نه ڪر.

مون چيو پيار ڏي فقط مون کي،
تو چيو تنگ بس مزيد نه ڪر.

مون چيو هڪ خوشي ملي تنهنجي،
تو چيو درد سپ خريد نه ڪر.

مون چيو دم بدم ڏسان توکي،
تو چيو مون طرف ته ديد نه ڪر.

مون چيو سونهن تو خدا سمجهان،
تو چيو بس اها توحيد نه ڪر.

صدمن مون وٽ عيد ڪئي آ.
لڙڪن مون وٽ عيد ڪئي آ.

تو تہ خوشيءَ کي ياڪر پاتو،
دردن مون وٽ عيد ڪئي آ.

سنگت ۾ تو ٿهڪ ورهايا،
سڏڪن مون وٽ عيد ڪئي آ.

هيءَ حقيقت جاڳ مجي ٿي،
سپنن مون وٽ عيد ڪئي آ.

ڦٽ سمورا روئي پيا هن،
زخمن مون وٽ عيد ڪئي آ.

فطري ۾ ديدار ڏئين هان،
روزن مون وٽ عيد ڪئي آ.

مرڪي منيون خرچي ڏين هان،
اڏمن مون وٽ عيد ڪئي آ.

دلبر جي دغائن تي توجهہ سبيل آهي.
۽ منهنجي وفائن تي توجهہ سبيل آهي.

مون نينهن نپايو آ ٻيو ڏوهہ ناهي منهنجو،
تہ ٻہ هن جي سزائن تي توجهہ سبيل آهي.

منهنجو ٻہ حقيقت ۾ ڪم عشق تي ٽيل آ،
سهڻي جي ادائن تي توجهہ سبيل آهي.

مان پيار اجا هن سان چپ چاپ ۾ ڪيان ٿو،
فلحال رٺائن تي توجهہ سبيل آهي.

منهنجي تہ اندر هن جي چاهت ڀري رهي آ،
ان لاءِ هوائن تي توجهہ سبيل آهي.

هر وقت آهہ ڪوشش حاصل تہ نيٺ ٿيندو،
اڄ ڪلهہ تہ دعائن تي توجهہ سبيل آهي.

مون چيو چو نہ پنهنجا ستارا مليا!.
تو چيو ڪٿ بہ سج ساڻ تارا مليا؟.

مون چيو اُس ۾ پڻ پئي ٿي ڦڙڦڙ ڪڏهن!،
تو چيو جونِ سان ڪٿ بہ پارا مليا؟.

تلخ ڏاڍو رهيو زندگيءَ جو سفر،
توکي منزل ملي مونکي چارا مليا.

مون کي دردن جي سيلاب لوڙهي ڇڏيو،
تنهنجي ٻيڙي کي جٿ ڪٿ ڪنارا مليا.

توکي رشتا مليا توکي تحفا مليا،
مون کي پنهنجا بہ ٿي سڀ اڌارا مليا.

توکي ٿڪن جا وڪ وڪ سهارا مليا،
منهنجي لڙڪن کي ڪليل نيسارا مليا.

تنهنجو مون ساڻ پيار ٿئي، ائين ٿئي.
نوٽ درياهہ تار ٿئي، ائين ٿئي.

جيئن مون کي آ ائين تو کي پي،
عشق سر تي سوار ٿئي، ائين ٿئي.

ساهہ تو ڏانهن ٽنگيو پيو آهي،
توکي پي انتظار ٿئي، ائين ٿئي.

تنهنجو نالو صفا اڪيلو آ،
منهنجو ان سان شمار ٿئي، ائين ٿئي.

تون اچانڪ اچين ۽ ترسي پئين،
معجزو اهڙو يار ٿئي، ائين ٿئي.

اک ملائي ڏسين جي جهٽ هڪڙي،
اڻ پيتو خمار ٿئي، ائين ٿئي.

ساٿ تنهنجو رهي سلامت جي،
بيڙو منهنجو بہ پار ٿئي، ائين ٿئي.

تنهنجي مرڪڻ تان آنءُ سرُ گهوريان،
هانءَ تان هلڪو بار ٿئي، ائين ٿئي.

هر خوشي جو هر غميءَ تي هرمچو تنهنجي ڪري آ.
سچ اهو آ زندگيءَ تي هرمچو تنهنجي ڪري آ.

شهر جا رهندڙ ڏسان ٿو ريس مان مون کي تڪن ٿا،
منهنجي اهڙي سادگيءَ تي هرمچو تنهنجي ڪري آ.

روز چيڙيان تنهنجون ڳالهيون چند سان ٿئي ٿي ڪچهري،
منهنجي هن آوارگيءَ تي هرمچو تنهنجي ڪري آ.

خوبصورت گل ڦٽن ٿا ساڻ آهين ان ڪري بس،
دوستن جو دشمنيءَ تي هرمچو تنهنجي ڪري آ.

منهنجون غلطيون معاف ڪن ٿا جام ماڻهو پيار ڪن ٿا،
منهنجي هن ديوانگيءَ تي هرمچو تنهنجي ڪري آ.

ماڻُ ٿئي ٿو محفلن ۾ مان مڃان ٿو سچ اهو آ،
جو بہ آهي شاعريءَ تي هرمچو تنهنجي ڪري آ.

محبوب کان سواءِ ڪٿ هي دل نہ ٿي لڳي.
ڪوشش گهڻي ڪيم پر بلڪل نہ ٿي لڳي.

جنهن ڏينهن کان ملي اک ان ڏينهن کان وٺي،
آرام آ قُٽل اک هڪ پل نہ ٿي لڳي.

دردن طويل ڪئي آ مون سان مسافري،
رستي ۾ ڪا خوشين جي منزل نہ ٿي لڳي.

آسان زندگي آ جي ساڻ آ پرين،
مشڪل وڏي پي مشڪل نہ ٿي لڳي.

هر روز ماري ماڻهو پوءِ پي پرين صفا،
معصوم مرڪ تنهنجي قاتل نہ ٿي لڳي.

منهنجون خوشيون هميشہ ڪاري لباس ۾،
مرڪي خوشي ڪا مون کي ڇو ڳل نہ ٿي لڳي.

شهمير جي اڌوري تصوير تو بنا،
سهڻي فريم ۾ پي مڪمل نہ ٿي لڳي.

پيار ڳيچيءَ وڏم مڙهي هاڻي.
درد دل کي پيو گهڙي هاڻي.

تون اجايو ٿو لڙڪ هارين پيو،
کير ڳوڙها نہ ٿو پڙهي هاڻي.

گرميون تيز ٿي ويون آهن،
ڪو بہ چت تي نہ ٿو چڙهي هاڻي.

عشق رڻ جو سفر چيو ڏاهن،
پيار جون جنهن ڪيون هيون ڳالهيون،

پيار جون جنهن ڪيون هيون ڳالهيون،
هاءِ! سوئي پيو وڙهي هاڻي.

دوست هر ڪو سڻي نوڪريءَ ۾ لڳو.
روح منهنجو چريو ڇوڪريءَ ۾ لڳو.

مان انهي ڏينهن کان پوءِ مئل هان سچي،
سنهڙو پٽر جڏهن ڪوهه مريءَ ۾ لڳو.

مون کي تاريخ سهڻي پڪاري پئي،
ذهن هڪدم وڃي ڏوڪريءَ ۾ لڳو.

ڇوڪري وائڙي ٿي وئي اوچتو،
در جو ڇوڪاٺ جيئن ٺوڪريءَ ۾ لڳو.

مان تہ گهر پنهنجي موٽيو اچان پيو سڌو،
حادثو هڪ وڏو آمريءَ ۾ لڳو.

هن کان وڇڙي مري جي ويس ائين مان،
جيءُ ٿورو ٿڪو شاعريءَ ۾ لڳو.

تو بي وفا کان نڀاءُ ڪونه ٿي سگهيو.
ڪوڙو به واعدو هڪ، ڪنهن دم نه ٿي سگهيو.

هو ڏس وڃي ملي ٿو ڌرتيءَ کي آسمان،
افسوس يار پنهنجو سنگم نه ٿي سگهيو.

هر مرض جو علاج ڪري وقت ٿو مگر،
منهنجي ڦٽن لئه وقت به مرهم نه ٿي سگهيو.

بگڙيو ئي ڪجهه عجيب طرح سان هيو نصيب،
مرڪڻ جي باوجود به گهٽ غم نه ٿي سگهيو.

بارهو ئي زندگيءَ تي حاوي رهي خزان،
هڪڙو به پل خوشيءَ جو چو ضم نه ٿي سگهيو.

تنهنجي الڳ رهڻ جي، ٿي تڙپ کي سڪون،
توڙي زهر به موت جو، پيتم نه ٿي سگهيو.

# نظم



# ”نظم“ دردن جا سڏڪا

ڪي گهاون جا ڳوڙها ڪي زخمن جا سڏڪا،
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

نہ خوشبوء پکيڙي نہ گل تي ٽڙياسي،
نہ ٽاريءَ ٽلياسي نہ تون مان ملياسي،
اسان ڪهڙي موسم ۾ اجڙي وياسي،
ڪي گلڙن جا سڏڪا ڪي گلشن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

نہ شبنم جي قطرن ڪئي گل تي ورڪا،
ڪڏهن دل جي ڌرتيءَ تي بادل نہ برسيا،
نہ خوشيون، نہ مرڪون، نہ چرچا، نہ ڪجڪا،
اسان وٽ ٿا سڏڪن ڪي سڏڪن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

نہ دل ڪنهن جي آتي نہ ڪنهن لاتو چاتي،
نہ در ڪان بيهي ڪنهن ڪڏهن پاتي جهاتي،
دونهون ٿي اڏامي وئي هي حياتي،
نہ سڄڻن جا سڏڪا نہ دشمن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

اوهان سان ملڻ لاءِ ڪاتي چڏن تاءِ
ڪي ڪندا رکن تا ڪي ڪاوا رکن تاءِ
مٽيءَ ۾ اندر ئي دفن ٿي وڃن تاءِ
ڪي پيرن جا سڏڪا ڪي رستن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

نہ نيڻن جون مرڪون نہ نيڻن جي چاهت،
نہ نيڻن ڪي ننڊ آ نہ نيڻن ڪي راحت،
جيئڻ جي ٻڌايان مان ڪهڙي وضاحت،
ڪي نيڻن جا سڏڪا ڪي سپنن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

الئہ ڇو ابي ۽ امان ڪو نہ سوچيو،
زهر ٿي حياتي ادا ڪو نہ سوچيو،
لڪئي ڪو نہ سوچيو خدا ڪو نہ سوچيو،
ڪتابن جا سڏڪا ۽ ورقن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

نہ مرڪن جي ميندي نہ لائون خوشين سان،
وڏي عمر جو ورُ وڏين ئي مڇن سان،
ٿو گهوري بدن کي هو وحشي اکين سان،
سڄي رات سڏڪن تا جذبن جا سڏڪا،
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

اچانڪ محبت تي رهزن ٿو ڪڙڪي،
پرهه جو مٿيءَ تي هو ڦٿڪي، هو ڦٿڪي،
ڪري منهن ڪي ڳاڙهو کهاڙي ٿي مرڪي،
نہ ڏارين جا سڏڪا نہ پنهنجن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

الائي تہ ڇا ڇا سوالي بڻيل هن،
ڪي جيون جا پاڇا سوالي بڻيل هن،
ڪي جيون جا لاشا سوالي بڻيل هن،
هي رسمن جي رونق يا رسمن جا سڏڪا.
اسان جي حياتي آ دردن جا سڏڪا.

***

## نظم "آزادي"

هوا چاڻ آئي، هوا پاڻ هوندي.
وفا جي چمن ۾ اوهان ڪاڻ هوندي.
خزائن برابر مجي آڻ هوندي،
هو آزاد آهي، هو سچ ساڻ هوندي.

ڳلابن جي زلفن ۾ سرهاڻ هوندي،
ذري جي نہ ذهنن تي ڪاراڻ هوندي،
نہ ڪنهن جي اکين ۾ ڪا آلاڻ هوندي،
نہ تهمت جي پوتيءَ تي ميراڻ هوندي،
نہ ڏرتي ءِ اپ تي ڪا چِڪتاڻ هوندي،
نہ مقتل جي رستن تي ڳاڙهاڻ هوندي.،
هوا چاڻ آئي، هوا پاڻ هوندي...

اميدن جي هٿ ۾ هي ڳاڙهو جهنڊو آ،
اهو ڪانئرن جي اکين ۾ ڪنڊو آ،
حقيقت جي هٿ ۾ ڪهاڙي ڏنڊو آ،
غلامي جو سپنو انڌو ۽ منڊو آ،
ڪو ڪارنهن جي منهن تي هي اجرو چنڊو آ،
وڏي پيار هوندي چون ٿا نندو آ،
مگر نينهن جي دل نئي ڪاڻ هوندي،
هوا چاڻ آئي، هوا پاڻ هوندي...

اجا موج مستيءَ ۾ آئي ڪٿي آ،
اجا واڳ تو ڏي ورائي ڪٿي آ،
هي ڌرتي اسان جي پرائي ڪٿي آ،
اٽانگي چٽنگ مون دڪائي ڪٿي آ،
اجا ننڊ تنهنجي ڦٽائي ڪٿي آ،
پٺائي جي وائي مون ڳائي ڪٿي آ،
جي ڳاتم تہ هر جاءِ واڪاڻ هوندي.
هوا ڄاڻ آئي، هوا پاڻ هوندي...

## ”وڇوڙي کي تيلي“

منهنجي ملين تي تہ موجون ڏسان ٿو.
رسين ٿي تہ دردن جون فوجون ڏسان ٿو.

سوا تو گهڙي پي گذارڻ ڳري آ،
حياتي هي منهنجي پئي جڻ جهري آ،
سڄي رات يادن جي برسات پئي آ،
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.

لڳي سار تنهنجي ٿڌي هير وانگي،
۽ تنهنجو تصوّر مٺي کير وانگي،
جڏهن شام جو سج لهڻ جي ڪري ٿو،
تڏهن ساهہ منهنجو ٿڌا ساهہ ڀري ٿو،
صبر ڪر ستايم گهڻو پنهنجي دل کي،
مگر دل نہ سمجهيو، هي دل بي چئي آ.
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.

ها نندپڻ ۾ تو مون کئي راند آهي،
لکين تون مان ڳوليان اجا ياد آهي،
گلابن جي پرسان چيم توکي روکي،
تو پوپٽ کي پکڙيو مون پکڙيو هو توکي،
مسلسل ستائڻ پرين نيک ناهي،
مون توسان نڀائڻ جي کوشش کئي آ.
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.

اجا در ۾ قاتل اجي ديد آهي،
اسان جي سوا تو نہ کا عيد آهي،
نہ مرکن سان محفل رچائي سگهان ٿو،
نہ لڙکن سان بلکل اچائي سگهان ٿو،
مٿان چنڊ مان روشني جا ڇٽي ٿي،
ٿکي جي سا مون کي نہ بلکل وٽي ٿي،
حياتي مان رونق ڇڏائي وئي آ.
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.
هلي آ وڇوڙي کي تيلي ڏئي آ.

## "اسان توکي سڄاتو سي"

اسان توکي سڄاتو سي اسان توکي سڄاتو سي.
گلن جي شهر ۾ رهندي ڪنڊن جو قرب ڄاتو سي.

سني سرهاڻ ڦهلائي، نئي چڪتاڻ ڦهلائي،
چٽي چانڊاڻ ڦهلائي، اوهان جي ڪاڻ ڦهلائي.
نه ڪي ڪاراڻ ڦهلائي، پليل ڪي ڏڳ ته لاتو سي.
اسان توکي سڄاتو سي اسان توکي سڄاتو سي.

گلابي گيت ڳائي ڪا، ٻڌايو راهه نئين ٻي ڪا،
نه پاڙي تي ڪيو ليکا، نه آڏيو سوچ ميري ڪا،
ڪئي غلطي وڏي جيڪا، برهه ۾ پير پاتو سي.
اسان توکي سڄاتو سي اسان توکي سڄاتو سي.

پلي اڄ حسن مارائي، نه وچ ۾ ڪير ڳالهائي،
اسان الفي چڏي پائي، اوهان کي خوف ٿو ڪائي،
مٿي ماٿي چڏي لائي، روحاني راڳ ڳاتو سي.
اسان توکي سڄاتو سي اسان توکي سڄاتو سي.

ستارا رات جا ٽاندا، اچن ٿا وات ۾ آندا،
بدن کي باهه گهيري وئي، پري پيا روح جا پاندا،
اسان جي پوءِ به هٽڙن ۾ اپا ها عشق جا جهنڊا،
اسان مرڻا ڪڏهن ناهيون مٿيءَ جو ڪير ڏاتو سي،

# ”حياتي سڪل وڻ“

اکين مان وئي ننڊ سپ خواب ڇاٽي.
حياتي سڪل وڻ مان پانيان ٿو هاٽي.

نہ ٿڪن جا ٽڙيا ٻہ ٽي گونج جاني،
نہ مرڪن جي موسم ڪئي مهرباني،
رڳو منهنجي لڙڪن ۾ آئي رواني،
سدائين وڇوڙن ڏنو مون کي تاٽي.
اکين مان وئي ننڊ سپ خواب ڇاٽي.

اوهان جا ستائن پيا ڦٽ مون کي،
مٿان چنڊ ٻيهي وجهي وٽ مون کي،
لڳي جڻ تہ امبر ڇڳل ڪٽ مون کي،
اچي ياد تنهنجي ستارن کي واٽي.
اکين مان وئي ننڊ سپ خواب ڇاٽي.

پرين تو جڏهن ڪان ڇنا قرب ناتا،
ڏکن پوءِ ڪوليا پراٽا کي ڪاتا،
سدا نيڻ منهنجا رهيا تو لئہ آتا،
اڏيو گهر اچي ڪو وري لاڙڪاٽي.
اکين مان وئي ننڊ سپ خواب ڇاٽي.

## "ڪڏهن ياد ايندئي"

ڪڏهن ياد ايندئي، ڪڏهن ياد ايندئي،
سي ننڍپڻ جون يادون، جتي يار مان تون،

جي ملندا هئا سون، ته ويهندا هئا سون،
ڪو گهمندا هئا سون، ۽ چوندا هئا سون،
تون منهنجو پرين آ، تون منهنجو پرين آ.
ڪڏهن ياد ايندئي،..........

ڪڏهن ياد ايندئي، ڪڏهن ياد ايندئي،
اها لڪ لڪوٽي، هئي هڪڙي ڪوٺي،
۽ ڪوٺيءَ جي ڪنڊ ۾، مان توکي لڪائي،
وري آنءُ موٽي، پو توکي ئي ڳوليان،
ڪڏهن ياد ايندئي، ..........

ڪڏهن ياد ايندئي ڪڏهن ياد ايندئي.
ڏئي هٿ هٿن ۾، اچا ڪپڙا پائي،
ڪتابن جو ٿيلهو ڪلهي ۾ ورائي،
علم جي بهاني عشق کي پرائي،
(ڏسون هڪ ٻئي کي) دنيا کي ڀلائي،
ڪڏهن ياد ايندئي..........

ڪڏهن ياد ايندئي ڪڏهن ياد ايندئي،؟
جڏهن مان نه هوندس تڏهن ياد ايندئي.!
ڪڏهن ياد ايندئي.؟ ڪڏهن ياد ايندئي.؟؟؟

# وائي



منهنجي جيون کي،
درد ڇباڙي ٿو.
مينهن پيو تصوير تي،
مصور جي فن کي،
درد ڇباڙي ٿو.
ڳائي ٿو فنڪار پر،
اڄ هن جي ڌن کي،
درد ڇباڙي ٿو.
پيٽ پريان ٿو شڪر سان،
صبر جي ان کي،
درد ڇباڙي ٿو.
روئي رت ابوجهه ٿو،
سياڻي جي من کي،
درد ڇباڙي ٿو.

ڏک ۾ اکين سان ،
لڙکن ساٿ ڇڏي ڏنو.
غربت پهتي جهول ۾،
ان کان پوءِ مون سان،
رشتن ساٿ ڇڏي ڏنو.
درد مليو هر گام تي،
منزل کان پهريان،
پيرن ساٿ ڇڏي ڏنو.
صدمو رسيو يار جو،
سچ لهڻ ڏاران،
مرڪن ساٿ ڇڏي ڏنو.
هاءِ وڇوڙي ۾ لڪل،
موت هئو جانان،
جيون ساٿ ڇڏي ڏنو.

مون وٽ چا ويني،
آئي هوڏانهن بس،
۽ پو هوءَ هلي وئي.
ڳوڙهن جي آٽي،
ڳلڙن تي سرڪس،
۽ پو هوءَ هلي وئي.
درد سيئي مون لاءِ،
بيهاري چؤڪس،
۽ پو هوءَ هلي وئي.
لهجي منجهہ ڏسي،
وڇوڙي جو ڳس،
۽ پو هوءَ هلي وئي.
ائين نہ ٿيندو آ،
جيئن ڦٽائي چس،
۽ پو هوءَ هلي وئي.

وقت وڏو آڙاهہ، ساڙي ٿو هر ساهہ،
پيارا جلدي موٽي آءُ.

سهڻا واعدا ياد ڪر، روئي ٿو ويساهہ،
پيارا جلدي موٽي آءُ.

راهہ تڪي نيڻن جو، اٿلي پيو درياهہ،
پيارا جلدي موٽي آءُ.

جيون جي ٻيڙي جو، تون ئي هڪ ملاح،
پيارا جلدي موٽي آءُ.

سڏڪي ساٿو هانءُ ٿو، مرڪن سان ٿي ناهہ،
پيارا جلدي موٽي آءُ.

منهنجي هيٺي حال کان، ڪير ڪرئي آگاهہ،
پيارا جلدي موٽي آءُ.

وڪريل آهہ حيات، دردن ڪئي پيچ ڊاهہ،
پيارا جلدي موٽِي آءُ.

تنهنجي لئہ شهمير، آتو منهنجو چاهہ،
پيارا جلدي موٽي آءُ.

منهنجو هر سپنو، آهي اياڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.
چاندوڪيءَ جي ڳوٺ ۾، هيسيل ٽاڍاڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.
شهرتن جي شهر ۾، سادو ڳوٺاڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.
جوڀن رتِ جو چين، آهي اڏاڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.
اجيو درد ڪٽي، ساقي پراڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.
ٻيڙيءَ ۾ سيگاريون، ميڙي مهاڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.
مڇيءَ جهول پري، ٻڪيو ڳوٺاڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.
سڀ ٻلاول گهوٽي، هاڻي هي گهاڻو،
الائي ڪنهن کي ڳولي ٿو.

موٽي آ، تنهائي،
پوڙهي ٿي وئي آ.
ننڊڙي هئي تہ ڇڏي وئين،
ساڳي يار جدائي،
پوڙهي ٿي وئي آ.
جوين رتِ ۾ جاءِ
ڳالهين باھ لڳائي،
پوڙهي ٿي وئي آ.
مون کي ڳاري پئي ڳري،
ڳٽتي پاڻ اهائي،
پوڙهي ٿي وئي آ.
آزادي آ جيل ۾،
نعرن کو نہ ڇڏائي،
پوڙهي ٿي وئي آ.

منڙي نيڻن جي،
ننڊ پچي پئي آ.
پايل پاتئي رات جو،
ستل رستن جي،
ننڊ پچي پئي آ.
مرڪي ميچ ڏنئي،
جهونن جذبن جي،
ننڊ پچي پئي آ.
آويلو برسات ۾،
اوڪن اڏمن جي،
ننڊ پچي پئي آ.
مرڪون آهن وائڙيون،
اهڙي سڏڪن جي،
ننڊ پچي پئي آ.

ڪونهي سوچيو مون،
ماڻهو ڇا چوندا.
ايڏو پيار نہ ڪر منا،
چوندي آهين تون،
ماڻهو ڇا چوندا.
هئين نہ ٿئي ، هئين ٿئي،
ان تي ڇو سوچون،
ماڻهو ڇا چوندا.
رهنداسين گڏ ڪيئن پوءِ،
هي جي سوچيو سون،
ماڻهو ڇا چوندا.
ڇا لئہ پاڻ وڙهون پلا،
ڏينهن مڙوئي ڏون،
ماڻهو ڇا چوندا.
ننڍڙين ڳالهين تي اگر،
ٿينداسون سامهون،
ماڻهو ڇا چوندا.

ساڻن پيرن کي،
لهرن زور ڏنا،
سمنڊ ڪناري شام جو.
پاڻيءَ جا هٿ پير ۾،
ڪير ڪريس منع،
سمنڊ ڪناري شام جو.
منزل مون کي ٿي سڏي،
ڪڙيون ڇو نہ ڇنا،
سمنڊ ڪناري شام جو.
درد وجهي ٿو سير ۾،
ڦاڙي روز پنا،
سمنڊ ڪناري شام جو.
اڀ کي ڌرتيءَ ڪيترا،
ڏوراپا بہ ڏنا،
سمنڊ ڪناري شام جو.
هو تہ ڪلن ٿا پاڻ ۾،
منهنجا نيڻ پنا،
سمنڊ ڪناري شام جو.

شاهي گهر ڄائي،
پياري پياري ڇوڪري.
ماءُ ئي اوندهہ ۾ وڃي،
گند تي اڇلائي،
پياري پياري ڇوڪري.
الزامن جي گهر هئي،
سورن سامائي،
پياري پياري ڇوڪري.
پوڙهي کان پيسا وٺي،
لوڀيءَ پرڻائي،
پياري پياري ڇوڪري.
دنيا ۾ شهمير،
دردن لئہ آئي،
پياري پياري ڇوڪري.

هوندي آهي من ۾،
تنهنجي ياد جهڙالي وانگي
هر پل ساجن ائين لڳي،
نٿهڻ جيون ۾،
تنهنجي ياد جهڙالي وانگي.
ٻڌجي مون لئہ چانورو،
آئي جوڀن ۾،
تنهنجي ياد جهڙالي وانگي.
سوچيان اوتيان ڪيئن اجاءِ
سهڻن لفظن ۾،
تنهنجي ياد جهڙالي وانگي.
راحت ڏيندي آ مون کي،
جون جي جهولن ۾،
تنهنجي ياد جهڙالي وانگي.
پانيان ٿو شهمير مان،
ڏکين لمحن ۾،
تنهنجي ياد جهڙالي وانگي.

ورندو اهڙو واءُ،
ويندا درد ڇڻي،
جيون جي وڻ مان وري.

اپ جيڏي دلجاءِ ڪر،
سرتي سلڇڻي،
جيون جي وڻ مان وري.

اوڪي موسم ٽورڙي،
ڏيندو ڦل ڏڻي،
جيون جي وڻ مان وري.

وقت وڏي ٿو ڏينهنڙا،
ڪيڏا ڪرت ڪڻي،
جيون جي وڻ مان وري.

جيون جي رڻ ۾،
تنهنجن زلفن جي،
ڇانوَ تي گهرجي پرين.

لڙڪ سکن ئي ڪو نہ ٿا،
تڏهن ٿڪن جي،
ڇانوَ تي گهرجي پرين.

سپنن کي گهاٽي گهٽي،
هردم اکين جي،
ڇانوَ تي گهرجي پرين.

هر صديءَ ۾ پيار کي،
پوتر جذبن جي،
ڇانوَ تي گهرجي پرين.

سهڻي شاعر کي اڃا،
سهڻن لفظن جي،
ڇانوَ تي گهرجي پرين.

جوڙي جوڙي لاءِ
ظالم وڇوڙو،
صدما سبندو ٿو رهي.
ڪنهن جي ٻڌي ڪو نہ ٿو،
وقت بہ ڇڻ ٻوڙو،
صدما سبندو ٿو رهي.
پورهيت جي هٿ منجهہ
ڳورو هٿوڙو،
صدما سبندو ٿو رهي.
تلخي ڦاڙي پيار جي،
لهجو پيو ڪوڙو،
صدما سبندو ٿو رهي.
محبت جي معراج جو،
رستو آ ڏوڙو،
صدما سبندو ٿو رهي.
خيال بہ منهنجي لاءِ ڪجهہ
سوچي هان ٿوڙو،
صدما سبندو ٿو رهي.

تنهنجو ئي هڪڙو،
اک جي ڪمري ۾،
خواب رهي پيو آ.

ڳاڙهو جر ڪري،
اک جي هجري ۾،
آب رهي پيو آ.

ڳل سڙي ٿو اڄ،
ڳوڙهي اجري ۾،
تاب رهي پيو آ.

ڪڙمي سوچي ٿو،
فصل خطري ۾،
لاب رهي پيو آ.

# فليپ

توڙي جو شهمير سومرو هڪ جاءِ تي بيٺل موجوده ڏيپل سماج تي غزل ۾ ڪڏهن ڪڏهن چٽر به ڪري ٿو، بهرحال شهمير هر حوالي سان پيار پرچارڪ، سونهن پرست شاعر ئي آهي. اسان جي ٿهي جو هي لاڏلو شاعر، آنءُ تسلسل سان مسلسل پڙهندو اچان پيو، هن ڪي دل اندر دٻيل درد کي لفظن ۾ تشريح ڪرڻ جو ڏانءُ به خوب اچي ٿو ته هوا جي هٿيليءَ تي رقص ڪندڙ رنگن جي رمجهم ڪي غزل جي سوڙهي دامن تي پٽارڻ جو هنر به بهتر نموني سان ڄاڻي ٿو، هُو اڻ ڏٺل خواب به ڪنوارين اکين مان چورائي وٺي ٿو.

شهمير اسان جي دور جو آواز آهي ۽ ڪنهن به دور جي آواز کي نظر انداز ڪرڻ ڪنهن به صورت ڪهڙي به طرح آسان نه آهي.

ساحر راهو

فليپ پهريون

چون ٿا شاعري احساسن جي ترجمان آهي. شاعري هڪ اهڙي ڪلا آهي، جيڪا اندر جي اڌمن کي لفظن جو روپ ڏي ٿي، شاعري سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ وارو فن آهي. شاعري هڪ اهڙي ذات آهي جيڪا هڪ طويل ناول کي هڪ ننڍڙي سٽ ۾ سمائي سگهي ٿي.

سنڌ جي ادبي کيتر ۾ ڪيترا ئي ڪوي پنهنجي حصي جا شعري گل پوکي رهيا آهن جن جي خوشبوءِ ادبي ماحول کي مهڪائي رهي آهي.

شهمير سومرو سنڌ جو اهو سهڻو ۽ سيبتو ڪوتاڪار آهي، جنهن پنهنجي منفرد لب و لهجي ۽ انوکي اسلوب سان سنڌ جي ادبي آڪيري ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي آهي. نئين ٿهيءَ ۾ غزل جهڙي حسناڪين سان ڀرپور صنف کي پنهنجي محبوبا ٻڻائيندڙ هن قلمڪار پڙهندڙن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ورتو آهي. پنهنجي غزلن ۾ منفرد رديفن جي چونڊ ۽ انهن سان بهترين نڀاءُ هن شاعر کي همعصرن ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ ڏني آهي.

شهمير جي شاعريءَ ۾ سرتيءَ جي سونهن جا عڪس به آهن، عاشق جي دل جا رقص به آهن، مٽيءَ جي مهڪ به آهي ته ڌرتيءَ جا ڏک به آهن. هن ڪويءَ وٽ خيالن جي کاڻ ۽ لفظن جو اڻ کٽ خزانو آهي.

مونکي يقين آهي ته جي شهمير جو جوش ۽ جذبو ايئن ئي جوان رهيو ته هو هڪ ڏينهن سنڌ جي سر موڙ شاعرن جي صف ۾ ضرور جاءِ ولاريندو.

## جواد جعفري

فليپ ڀيو

# بئڪ ٽائيٽل

شهمير سومرو جيئن پنهنجي طبيعت ۾ خوش مزاج آهي ائين سندس شاعريءَ ۾ نفاست بہ موجود آهي. هو نوجوان شاعرن مان اپري آيل خوبصورت شاعر آهي، جنهن تي ذات جي ديوي سدائين مهربان رهي آهي. هي 1990 واري ڍڪي جي وچ ڌاري شاعريءَ جي ڪاڪ محل ۾ داخل ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پنهنجي ٿهيءَ جي نمايان شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن جي شاعريءَ جو لهجو بنهہ نرالو ۽ پنهنجو آهي. شهمير ڏکهي رديف وارا منفرد غزل لکڻ جو هنر رکي ٿو ۽ شعر سان خوب نياءُ ڪري ٿو.

شهمير سومري جي شاعريءَ ۾ خيال جي پختگيءَ سان گڏ موسيقيت بہ شامل آهي. اهو ئي سبب آهي تہ هن جي شاعري ڪي ڪيترن ئي فنڪارن سهڻا سر آلاپيا آهن. هي سندس شاعري جو ٻيو ڪتاب آهي، هن کان اڳ هن جي شاعريءَ جي مجموعي ”اکڙين جي ياڪر ۾“ کي ادبي حلقن ۾ خوب مڃتا پڻ ملي آهي. هو گذريل ٽن ڏهاڪن کان مسلسل لکي رهيو آهي، هو سوين حسين غزلن، وائين، نظمن ۽ گيتن جو تخليقڪار آهي ۽ اڄ بہ سندس قلم تيزيءَ سان لکي رهيو آهي. شل شهمير جو قلم ائين ئي روان رهي ۽ سنڌي شاعريءَ جي سفر ۾ سندس قدم ڪڏهن بہ نہ ٿڪجن.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آھي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان ھلڻ جو سانباھو آھي، ڇو تہ تاريخ ھميشہ انھن قومن جو احترام ڪيو آھي جن پنھنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آھي. سنڌ سلامت پڻ پنھنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنھنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، ھنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پھچائڻ جو عزم ڪيو آھي.
اسان جي خواھش ھئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل ھڪ اھڙو ڪتاب گھر قائم ڪجي جتي ھر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان ھجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت ھر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙھي سگھجي.
۽ اھو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گھر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگھيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گھر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گھر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنھنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گھر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي ھن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)**

